روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اربع 13 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 26 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 108

9 مئي سانحو: 14 ڪيسن جي جاچ مڪمل، عمران خان 10 ڪيسز ۾ ڏوهاري قرار

9 مئي ڪيسن جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي 14 ڪيسن جي جاچ مڪمل ڪري ورتي آهي : رپورٽ

تحريڪ انصاف چيئرمين جي خلاف مُک ڪيس 23/96 جو چالان ٻن هزارن صفحن تي ٻڌل آهي : جي آءِ ٽي ذريعا

پي ٽي آءِ چيئرمين جي خلاف سوشل ميڊيا بابت چار سئو کان وڌيڪ شاهديون مليون آهن. گرفتار جوابدارن جي بيانن ۽ نشاندهي تي پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڏوهاري قرار ڏنو ويو

9 مئي جي واقعن تي جاچ دوران سازش جون شاهديون به مليون. پي ٽي آءِ چيئرمين جا بيان ان وقت جي حالتن کان تڪراري نظر آيا

جناح هائوس حملي ۾ سڌو سنئون ملوث 80 جوابدارن جي بيانن ۾ سازش ظاهر ٿي آهي : جي ٽي آءِ اختياريون

9 ڪيسن ۾ پڪين شاهدين جي روشني ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ڏوهاري قرار ڏنو آهي. 14 ڪيسن جو چالان جلد عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو

لاهور (م ڊ) 9 مئي سانحي جي جاچ ڪندڙ ٽيم 14 ڪيسن جي جاچ مڪمل ڪري ورتي آهي جنهن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي 10 ڪيسن ۾ نامزد ڪندي ڏوهاري قرار ڏنو ويو آهي. رپورٽ موجب 9 مئي ڪيسن جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي 14 ڪيسن جي جاچ مڪمل ڪري ورتي آهي. جيآءِ ٽي جي ذريعن موجب تحريڪ انصاف چيئرمين جي خلاف مُک ڪيس 23/96 جو چالان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آمريڪا جيڪي هٿيار افغانستان ۾ استعمال ڪيا اهي ڪچي جي ڌاڙيلن وٽ پهچي ويا آهن: بلاول ڀٽو

مونکي معلوم ٿيو آهي ته ڪيس کي ٺيڪ طريقي سان هينڊل نه پيو ڪيو وڃي شهيد جان محمد مهر سنڌ لاءِ اسان لاءِ چا هيو انجو اندازو نگران حڪومت کي ۽ بيورو ڪريسي کي ٿيڻ گهرجي

پوري سنڌ جو اهو مطالبو آهي ته جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ٿين وارثن سان تعزيت لاءِ دير سان پهتو آهيان انجو اندازو آهي

منهنجي پوليس آفيسرن سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي اميد آهي ته جوڙيل جي آئي ٽي بهتر ڪم ڪندي ، سنڌ ۾ امن وامان جي صورتحال تي به ڳالهه ٿي آهي

ڪچي ۾ آپريشن جاري آهي اسان جا جوان شهادتون ڏئي رهيا آهن ، آمريڪا جا هٿيار جيڪي افغانستان ۾ استعمال ٿيندا هئا هاڻي اهو اسلحو دهشتگردن وٽ پهتو آهي

خان صاحب جي پاليسي ڪيتري خطرناڪ هئي ان جو اندازو ٿي رهيو آهي بهتر اهو آهي ته معاملو ٿيڻ بعد ترت ئي حل ڪيو وڃي: پ پ چيئرمين

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ، بي بي آصف ڀٽو زرداري سان گڏجي سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي رهائشگاهه پهچي سندس وارثن سان تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته شهيد جان محمد مهر صحافين جو اثاثو هيو سندس قتل جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي اسان چاهيون ٿا ته سندس وارثن کي انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سکر: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي رهائشگاهه پهچي وارثن سان تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي لنڊن کان ڏيهه واپسيءَ جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو

لنڊن ۾ نواز شريف جي صدارت هيٺ مسلم ليگ ن جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ شهباز شريف، سليمان شهباز، حسن نواز، خواجه آصف ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

ملاقات ۾ نواز شريف جي وطن واپسي ۽ چونڊن جي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو

لنڊن: ن ليگ سربراهه نواز شريف ۽ اڳوڻو وزيراعظم ۽ ن ليگ صدر شهباز شريف اجلاس دوران ويٺل آهن

لنڊن (م ڊ) ن ليگ صدر شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي لنڊن کان ڏيهه واپسيءَ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ جي نگران صحت واري وزير سان سي اي او برگيڊيئر طارق قادر لکيار جي ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ واري نگران وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سوين طالبان گهيرو ڪري ورتو، وڏي حملي جو انديشو

پشاور ۽ ڀرپاسي ۾ 500 طالبان گهيرو ڪري ورتو آهي : صحافي عقيل يوسفزئي

چترال جيان هاڻي پشاور ۾ مختلف پاسن کان طالبان حملو ڪرڻ جي تياري ۾ آهن

ملڪي ادارا جيستائين روايتي پاليسي اختيار ڪندا ته ان جا نتيجا جيڪي اڄ تائين نڪتا آهن اهي نڪرندا

ڪراچي (م ڊ) ڪجهه ڏينهن کان طالبان جي سرگرمين ۾ تيزي نظر اچي رهي آهي ۽ شدت پسندن پاران پاڪ فوج جي جوانن کي نشانو بڻايو پيو وڃي، پاڪ فوج به جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترائي دهشتگرد ماريا آهن ۽ هاڻي اطلاع آهن ته وڏي پيماني تي طالبان جٿيڙي لاءِ گڏ ٿي ويا آهن خيبرپختونخوا سان واسطو رکندڙ ناميارو صحافي عقيل يوسفزئي دعويٰ ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سپريم ڪورٽ پاران شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومت ڪيرائڻ واري سازش ۾ ملوث فوجي آفيسرز جون سزائون برقرار

جسٽس منيب اختر 15 فيبروري تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

ڪرنل رٽائرڊ آزاد منهاس ۽ ڪرنل رٽائرڊ عنايت الله جون سزائن خلاف اپيلون خارج

ٻنهي اڳوڻن فوجي آفيسرن خلاف 1995 ۾ بينظير ڀٽو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي سازش جي الزام هيٺ ڪارروائي ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ پاران شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومت ڪيرائڻ واري سازش ۾ ملوث فوجي آفيسرز جون سزائون برقرار، جسٽس منيب اختر 15 فيبروري تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي ڪرنل رٽائرڊ آزاد منهاس ۽ ڪرنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان گورنر گلگت بلتستان سيد مهدي شاهه ملاقات ڪندي

ڏرتا مسئلي جو حل نه آهن، مغوين جا وارث، سول سوسائٽي ۽ شهري ساٿ ڏين: آءِ جي سنڌ

ملاقات ۾ مغوي ساگر ڪمار جي امڙ، هندو ڪميونٽي جي اڳواڻن ۽ شيما ڪرماڻي شامل، سمورن مغوين جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو

ڏرتا مسئلي جو حل نه آهن، مغوين جا وارث، سول سوسائٽي ۽ شهري پوليس جو ساٿ ڏين: آءِ جي سنڌ رفعت مختار

خاطريون ڪرائڻ باوجود مغوي واپس نه ڪرايا ويا، اسان جي ٻچڙن جون حياتيون خطري ۾ آهن : ساگر ڪمار جي امڙ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽي تلوار وٽ مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڌرڻو هڻندڙ اڳواڻن ۽ مغوين جي وارثن صوبائي گهرو وزير حارث نواز ۽ آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪئي آهي ملاقات ۾ مغوي ساگر ڪمار جي امڙ، هندو ڪميونٽي جي اڳواڻن ۽ شيما /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي ۾ اسپارڪ پاران تقريب منعقد، نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز شريڪ

تقريب ۾ سوسائٽي فار دي پروٽيڪشن آف دي رائٽس آف چائلڊ پاران هنرمند ڇوڪرين ۾ سلائي مشينون ورهايون ويون

تقريب ۾ اسڪول جي ٻارن گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا، اسپارڪ جي مئنيجر شمائله مزمل اداري ۽ علائقي کي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني

عورتون اسان جي معيشت جو اهم حصو آهن، هر معاشرو عورتن جي سهڪار کانسواءِ نامڪمل آهي: ڊاڪٽر سعد خالد نياز

ڪراچي: سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز تقريب ۾ بيٺل آهي

ڪراچي (رپورٽر) صحت، سماجي ڀلائي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز اسپارڪ جي تحت مچهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سون جي وڏو جهٽڪو: في تولو 2700 رپيا سستو: ڊالر 300 رپين تي پهچي ويو

ڪراچي (م ڊ) سون کي وڏو جهٽڪو، في تولو 2700 رپيا سستو: ڊالر 300 رپين تي پهچي ويو. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سائفر ڪيس جي اٽڪ جيل ۾ ٻڌڻي خلاف عمران خان جي درخواست تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق سائفر ڪيس جي اٽڪ جيل ۾ ٻڌڻي خلاف ٻڌڻي ڪئي

30 آگسٽ تي سائفر ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ عدالت اٽڪ جيل منتقل ڪئي وئي هئي : ايڊيشنل اٽارني جنرل

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سائفر ڪيس جي اٽڪ جيل ۾ ٻڌڻي خلاف پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي درخواست تي فيصلو محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڊي سي اسلام آباد پرويز الاهي خلاف جاري ڪيل ايم پي او حڪم واپس وٺي ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پرويز الاهي جي ايم پي او آرڊر خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڊي سي اسلام آباد عدالت کي ايم پي او آرڊر جي واپس بابت آگاهه ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) ڊپٽي ڪمشنر (ڊي سي) اسلام آباد پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي خلاف جاري ڪيل ايم پي او حڪم واپس وٺي ڇڏيو آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پرويز الاهي جي ايم پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آءِ جي سنڌ رفعت مختار اجلاس دوران ڳالهائيندي

بلديه فيڪٽري کي باهه ڏيڻ واري سانحي ۾ سزا ٻڌايل ساٿين کي اڪيلو نه ڇڏينداسين: ايم ڪيو ايم اڳواڻ

عدالت پاران هڪ راءِ کي فيصلو ٻڌائي ٻڌايو ويو، عدالتي فيصلي کي رد ڪيون ٿا، اليڪشن ويجهو اچڻ جي ڪري اها سازش ڪئي وئي آهي

ايم ڪيو ايم کي اليڪشن کان پري رکڻ لاءِ بلديه سانحي واري ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو آهي

بينظير جي قتل کانپوءِ ماڻهن کي جيئرو ساڙيو ويو، انهن واقعن جي به جاچ ڪرائي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن خالد مقبول صديقي، مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻين چيو آهي ته بلديه فيڪٽري کي باهه ڏيڻ واري سانحي ۾ سزا ٻڌايل ساٿين کي اڪيلو نه ڇڏينداسين. بلديه سانحي ۾ ايم ڪيو ايم نه پر فيڪٽري مالڪ ملوث /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

هندو برادري جي وفد جي نگران گهرو وزير سان ملاقات

ڪشمور مان اغوا ٿيل ساگر ڪمار جي خاندان ۽ هندو برادري حارث نواز سان ملاقات ڪئي

يرغمال ساگر ڪمار کي جلد بازياب ڪرايو ويندو ۽ يرغمالي جي بازيابي اسان جي اولين ترجيح آهي: حارث نواز

ڪراچي (رپورٽر) ڪشمور مان اغوا ٿيل ساگر ڪمار جي خاندان ۽ هندو برادري جي ٻين ماڻهن تي مشتمل وفد شيما ڪرماڻي سان گڏ نگران گهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: هاڪس بي ويجهو ٻه پائر سمنڊ ۾ ٻڏي فوت

ايڌي جي ريسڪيو ٽيم پاران هڪ ڇٽي کي بچايو ويو، 2 سڳن ڀائرن جا لاش ڪڍيا ويا

فوتي ڀائرن جي سڃاڻپ نعمان ولد عبدالعظيم ۽ فرحان ولد عبدالعظيم طور ٿي

بيهوشي جي حالت ۾ سمنڊ مان ڪڍيل طلحه ولد اعظم کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ هاڪس بي ويجهو ٻن سڳن ڀائرن سميت 3 ڄڻا ٻڏي ويا، ڪراچي ۾ هاڪس بي ويجهو ٻن سڳن ڀائرن سميت 3 ڄڻا سمنڊ ۾ ٻڏي ويا ايڌي جي ريسڪيو ٽيم پاران هڪ ڇٽي کي بچايو ويو، 2 سڳن ڀائرن جا لاش ڪڍيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان، آءِ ايم ايف جو ٻه مور جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو

آن لائن رابطي دوران آءِ ايم ايف ٽيڪس آمدني وڌائڻ لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون

آءِ ايم ايف لگزري شين جي امپورٽ تي ٽيڪس ريٽ وڌائڻ لاءِ آرڊيننس آڻڻ جي تجويز ڏني

ايف بي آر جي بهترين ڪارڪردگي سبب حڪومت آءِ ايم ايف جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان آءِ ايم ايف جو امپورٽڊ ۽ لگزري شين تي ٽيڪس وڌائڻ جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ آن لائن رابطو ٿيو جنهن ۾ آءِ ايم ايف ٽيڪس آمدني وڌائڻ لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر سان ترڪي جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

خيرپورناٿن شاهه: هٿياربندن هٿان قتل ٿيل افضل لنڊ جي جنازي نماز ادا، سوين ماڻهن آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي

ٺنڊوآدم ۾ نامعلوم هٿياربندن هٿان قتل ٿيل باغي افضل لنڊ جي جنازي نماز سي اين جي پمپ تي ادا ڪئي وئي

جنازي نماز ۾ شهر ٺوڙي سنڌ جي مختلف هنڌن کان آيل سياسي سماجي ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني نه آهي منهنجي نوجوان پٽ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي : والد

خيرپورناٿن شاهه:(رپورٽر) خيرپورناٿن شاهه ۾ گذريل ڏينهن ٺنڊوآدم ۾ نامعلوم هٿياربندن هٿان قتل ٿيل باغي افضل لنڊ جي جنازي نماز سي اين جي پمپ تي ادا ڪئي وئيجنازي نماز ۾ شهر ٺوڙي سنڌ جي مختلف هنڌن کان آيل سياسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

خيرپورناٿن شاهه: هٿياربندن هٿان قتل ٿيل افضل لنڊ جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ايشيا ڪپ: سريلنڪن اسپنرن ڀارت خلاف ميچ ۾ نئين تاريخ رقم ڪري ڇڏي

ڪولمبو (م ڊ) ايشيا ڪپ جي سپر فور مرحلي ۾ سريلنڪا جي اسپنرن ڀارت خلاف ميچ ۾ نئين تاريخ رقم ڪري ڇڏي. اڳاري ڏينهن ڪولمبو ۾ کيڏيل ميچ ۾ ڀارت ٽاس کٽي ٻئٽنگ جو فيصلو ڪيو. جيڪو غلط ثابت ٿيو ڀارتي بيٽر سريلنڪن اسپنرن جي ڄار ۾ ڦاسي پيا. سموري ٽيم 50 هين اوور ۾ 213 رنسون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان نگران وفاقي وزير انيق احمد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪٽڪ جي اسمگلنگ ۾ سرڪاري اهلڪار ملوث نڪتا، رپورٽ وزيراعظم آفيس ۾ جمع

ڪنڊ، پاڻ ۽ ڪٽڪ جي پاڪستان کان اسمگلنگ جي باري ۾ تفصيل رپورٽ جو حصو آهن : ذريعا

ڪٽڪ، پاڻ، ڪنڊ جي اسمگلرز ۽ سرڪاري اهلڪارن جا تفصيل به رپورٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (م ڊ) ڪرنسي ۽ تيل کان پوءِ هاڻ ڪنڊ، پاڻ ۽ ڪٽڪ اسمگلنگ جي رپورٽ به وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرائي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪوٽ غلام محمد ويجهو قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ ۽ پٽ جي مبينا تذليل، وڊيو وائرل

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ويجهو قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي جوائنٽ سيڪريٽري رازو مل ڪولهي ۽ سندس پٽ گلشن جي مبينا تذليل واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي آهيان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته هيرو ڪولهي ۽ ٻين جوابدارن رازول مل ۽ سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ليگي سينيٽر ۽ سنڌ جو اڳوڻو آءِ جي راڻا مقبول احمد لاڏاڻو ڪري ويو

ن ليگ اڳواڻ ڪافي وقت کان بيمار هجڻ سبب گذريل 2 ڏينهن اڳ مقامي نجي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو

راڻا مقبول احمد جي جنازي نماز سندس پٽ جي ملڪ پهچڻ کان پوءِ ادا ڪئي ويندي: ذريعا

ليگي سينيٽر ۽ سنڌ جو اڳوڻو آءِ جي راڻا مقبول احمد

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو سينيٽر ۽ سنڌ جو اڳوڻو آءِ جي راڻا مقبول احمد لاڏاڻو ڪري ويو هو ڪافي وقت کان بيمار هجڻ سبب گذريل 2 ڏينهن اڳ مقامي نجي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو جتي (اڄ) اڱاري جي صبح هو فوت ٿي ويو ذريعن موجب راڻا مقبول احمد جي جنازي نماز سندس پٽ جي ملڪ پهچڻ کان پوءِ ادا ڪئي ويندي. راڻا مقبول احمد سنڌ پوليس جو اڳوڻو آءِ جي به هو ان کان علاوه پنجاب جو پراسيڪيوٽر جنرل به مقرر رهيو راڻا مقبول احمد 2018 ع ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ ٽي تلوار تي ساگر ڪمار، پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ لڳل ڌرڻو ختم

گهرو وزير جو وعدو ۽ پوليس جون خاطريون ڪوڙيون ثابت ٿيون، مغوي هيل تائين بازياب نه ٿيا آهن : مظاهرين

سنڌ جا هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. پريا ڪماري اسان جي نياڻي آهي ۽ اسان اقليتن سان گڏ آهيون : اڳواڻ

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ ٽي تلوار تي ساگر ڪمار، پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو صحت وارو وزير سعد خالد مظاهرين سان ڳالهين لاءِ پهتو. صوبائي وزير خاطري ڪرائي ته ڌرڻي جي اڳواڻن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

190 ملين پائونڊ ڪيس: شيخ رشيد نيب آڏو پيش ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

شيخ رشيد نيب جي جاچ ٽيم طرفان اماڻيل نوٽيس تي جوابي خط لکي ڇڏيو

القادر ٽرسٽ ۽ 190 ملين پائونڊز ڪيس جي مون کي خبر نه آهي، نه ئي هن ڪيس بابت مون کي ڪا ڄاڻ آهي : خط جو متن

مان نه القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گواهه به نه آهيان. طلب ڪرڻ جو نوٽيس غيرقانوني آهي ان کي جلد واپس ورتو وڃي

راولپنڊي (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ اڄ شيخ رشيد کي طلب ڪيو هو اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد کي صبح ساڍي 9 وڳي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو هو اڳوڻي وفاقي وزير شيخ رشيد 190 ملين پائونڊز اسڪينڊل ۾ نيب جي ٽيم آڏو پيش ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. شيخ رشيد نيب جي جاچ ٽيم طرفان اماڻيل نوٽيس تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪنڊ اڳهه جو معاملو، سپريم ڪورٽ وڏو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ کي 30 ڏينهن ۾ ڪيس جو فيصلو ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ وفاقي حڪومت طرفان ڪنڊ جو اڳهه مقرر ڪرڻ بابت ڪيس ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ کي 30 ڏينهن ۾ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

توشه خاني ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس: بشريٰ بي بي جي ضمانت منظور

اسلام آباد جي احتساب عدالت بشريٰ بي بي خلاف توشه خاني ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

بشريٰ بي بي جي اڄ 2 وڳي پي ٽي آءِ چيئرمين سان اٽڪ جيل ۾ ملاقات آهي : لطيف کوسو

نيب به بشريٰ بي بي کي طلب ڪرڻ جو نوٽيس اماڻيو آهي هو اڳ به نيب آفيس ۾ پيش ٿي چڪي آهي

عمران خان جي گهرواري بشريٰ بيبي (فائيل فوٽو)

اسلام آباد (م ڊ) احتساب عدالت توشه خاني ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڳيرو نوجوان افضل لنڊ جي قتل جي مذمت، قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي: اياز لطيف پليجو

15 سالن کان سنڌ ۾ خونن ۽ اغوائن خلاف سرڪار، اسيمبليون ۽ عدالتون خاموش آهن

جيڪو جيترو طاقتور آهي، اهو پاڻ کي ايترو وڏو قانون ۽ آئين کان بالاتر سمجهي ٿو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي نوجوان افضل لنڊ جي قتل جي مذمت ڪندي قاتلن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو آهي ته نوجوان افضل لنڊ جو قتل ظلم جي انتها آهي، 15 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

راولپنڊي ۾ غربت ۽ مهانگائي کان تنگ اچي 2 ٻارڙين جي پيءُ آپگهات ڪري ڇڏيو

آپگهات ڪندڙ شخص جي سڃاڻپ 39 ورهين جي عرفان صادق جي نالي سان ٿي

عرفان صادق جي چپس جي دڪان هئي. سندس معاشي حالتون خراب هيون : پاڙيسري

قرضدارن کي پئسا ڏئي ڇڏيجو، مون سيني لاءِ پريشانيون پيدا ڪري ڇڏيون هيون مون کي معاف ڪجو : آپگهات کان اڳ عرفان صادق جو لکيل نوٽ

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي جي علائقي قاسم آباد ۾ غربت کان تنگ اچي 2 معصوم ٻارڙين جي پيءُ آپگهات ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب آپگهات ڪندڙ شخص جي سڃاڻپ 39 ورهين جي عرفان صادق جي نالي سان ٿي آهي. عرفان صادق جي لاش دوڪان ۾ پکي سان لٽڪيل مليو پاڙي وارن موجب عرفان صادق جي چپس جي دڪان هئي. سندس معاشي حالتون خراب هيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: تعليم واري نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ارشاد رانجهاڻي جي خون سان انصاف نه ٿيو، محفوظ ڪيل فيصلو دير جو شڪار

ڪراچي (م ڊ) دليل مڪمل ٿيڻ باوجود ارشاد رانجهاڻي قتل ڪيس جو محفوظ ڪيل فيصلو نه ٻڌايو ويو. ججن جي موڪل سبب فيصلو تيار نه ٿي سگهيو. دهشتگردي ڌر عدالت جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ ارشاد رانجهاڻي قتل ڪيس جو فيصلو نه ٿي سگهيو. عدالت فيصلو ايندڙ ٻڌڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. عدالت گذريل ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين خلاف وٺ پڪڙ، 65 ڄڻا گرفتار

آپريشن گلستان جوهر، بلوچ ڪالوني، سچل، ايئرپورٽ ۽ شرافي ڳوٺ ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيو ويو

پوليس طرفان ڪيل ڪارروائي ۾ 65 افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغان شهرين خلاف آپريشن جاري آهي ۽ مختلف ٿاڻن جي حدن مان وڌيڪ 65 افغاني شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اٿو سستو ڪيو، پيپلا اٿو سستو ڪيو، بلاول اڳيان اپ ڏاريندڙ رڙين جي وڊيو وائرل

بلاول ڀٽو زرداري جي پهچڻ تي عوام پاران سخت احتجاج ڪيو ويو

پيپلزپارٽي جي جلسي ماڻهن جي هجوم ۾ ، پيپلا اٿو سستو ڪيو واري وڊيو وائرل ٿي

ڪراچي (م ڊ) ٽنڊي محمد خان پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پهچڻ تي عوام پاران سخت احتجاج ڪيو ويو. ٻه ڏينهن اڳ واري پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن سان اجلاس

ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن لاءِ وڌيڪ 700 پلاٽن جي انتظامن ۽ هنڌ جي سڃاڻپ جو جائزي اجلاس ڪوٺايو ويو

ڪي ڊي سي جي باقي ميمبرن لاءِ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ لياري ڊولپمينٽ ايڊمنسٽريشن سان رابطا مضبوط ڪيا وڃن. سيڪريٽري نديم ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) اجلاس ۾ ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن کان مطالبو ڪيو ويو ته جيئن ئي زمين تي باؤنڊري وال ڊاهي وڃي ته جيئن ڀيرو حدخليون هٽايون وڃن ته فوري طور تي الاٽ ٿيل ڪو قبضو نه ڪري سگهي، صحافي ڪالونين تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مانجهند جي پرائمري گرلس اسڪول کي پلاٽ عطيو ڏيندڙ پائر روزگار لاءِ دربدر

ڪامورن جو ملڻ کان انڪار، خاصخيلي برادر پاران ٽي اي او گرلس في ميل آفيس آڏو نٿهڻ اس ۾ ڌرڻو

دستاويز تي لکت ڪندي 2 نوڪريون لکت ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر هن وقت تائين واهر ناهي ٿي : مظاهرين

ٽي اي او پرائمري في ميل ديوٽي تي موجود نه هئڻ سبب عملي کي لکت ۾ درخواست ڏني وئي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي پرائمري گرلس اسڪول کي پلاٽ عطيو ڏيندڙ پائر روزگار لاءِ دربدر ڪامورن جو ملڻ کان انڪار خاصخيلي برادر پاران ٽي اي او گرلس في ميل آفيس آڏو نٿهڻ اس ۾ ڌرڻو نعريبازي نوڪريون ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مانجهند : متاثر ڳوٺاڻا انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورماٿيلو شهر مان ٽن هندو شهرين
شنڪر لعل، روشن ۽ ورن مل کي ايف آئي اي
جي ٽيم گرفتار ڪري ڪٺي وئي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) ميرپورماٿيلو شهر مان ٽن هندو شهرين شنڪر لعل، روشن ۽ ورن مل کي ايف آئي اي جي ٽيم گرفتار ڪري ڪٺي وئي آهي. گرفتار جوابدارن خلاف شيون ڪمار ايف آئي اي ۾ درخواست ڏني هئي ته منهنجي پٽ کي بليڪ ميل ڪندا رهيا آهن. تفصيل موجب ميرپورماٿيلو شهر مان ٽن هندو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري ۽ جنرل سيڪريٽري بشام جوکيو تي ايف آءِ آر داخل

اسان محب وطن صحافي آهيون اسانجو ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪو به تعلق ڪونهي : صحافي برادري

اسان کي انتقامي ڪارروائي ڪري ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي جيڪا قانونن سراسر غلط آهي

گهارو (رپورٽ بشام جوکيو) گهارو پريس ڪلب جي صدر صحافي مختيار لاشاري ۽ جنرل سيڪريٽري بشام جوکيو تي گهاري ٿاڻي تي ڪوڙي ايف آر داخل ڪئي وئي آهي. صحافين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر، گهاري شهر جي سينئر صحافي ۽ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، جنرل سيڪريٽري بشام جوکيو تي سرڪار جي مدعي ڪوڙي ايف آئي آر داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

محمد يونس راڄپر، خادم حسين مري، بلاول امجد ۽ ٻين اسڪراپ ڪالوني کان ٿيندي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي

جان محمد مهر قلم جي حرمت رکي جام شهادت پيتو، شهادتون اسان کي پنهنجي مقصد تان هٽائي نٿيون سگهن : مظاهرين

جيڪڏهن قاتل ڏاڍا آهن ته ان جو هو ڪليل اعلان ڪري باقي اسان پنهنجي قلم ڏٽي جو خون رائيگان ٿيڻ نه ڏينداسين

نوشهرو فيروز(د ر) شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي سڏ تي نوشهرو فيروز ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا اسڪراپ ڪالوني نوشهرو فيروز کان شروع ٿي ٺاروشاهه اسٽاپ شهيد اير آر ڊي چوڪ کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي. ان موقعي تي اڳواڻي ڪندڙ محمد يونس راڄپر، خادم حسين مري، بلاول امجد ۽ ٻين چيو ته/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: صحافي جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان پرسان نادرا پاران
عوام کي ضرورت جي مطابق بر
وقت سرٽيفڪٽ ناهي ڏنا ويا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) يونين ڪائونسل ڏگهه موري جي يونين ڪائونسل آفيس پاران نادرا جو پڪو برٿ سرٽيفڪيٽ ڊيٿ سرٽيفڪيٽ ميرج سرٽيفڪيٽ جو بنياد رکيو ويو ۽ عوام کي سنڌن ضرورت جي مطابق بر وقت سرٽيفڪيٽ ناهي ڏنا ويا جڏهن ته پهريان يونين ڪائونسل ڏگهه موري جي عوام ٽنڊو محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اسلام ڪوٽ ۾ سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي صحافين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين اشوڪ شرما، مبارڪ بجير، غازي بجير ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ حڪومت سنجيده ناهي، پوليس قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي : مظاهرين

وقت ختم ٿيڻ باوجود قاتل اڃا تائين گرفتار ناهن ٿي سگهيا جيڪا موجوده نگران حڪومت جي بدنيتي آهي، انصاف ڏيارڀو وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي صحافين پاران سڪرجي بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين اشوڪ شرما، مبارڪ بجير، غازي بجير، الطاف اسماعيل، صدام بجير، سجاول، رياض سڪندر، پرڪاش ڪمار، ساجد ڪنير، سانگيڏان ٺڪر ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي سان واپارين ۽ وڪيل برادري جي وفد جي ڌار ڌار ملاقات

ملاقات دوران وڪيل برادري ۽ واپاري برادي پاران سيد سليم شاهه کي ٽنڊو محمد خان چارج ملڻ جون مبارڪباد ڏني

مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرائڻ جي يقين ڏياني ڪرائي جنهن بعد وڪيل برادري پاران ايس ايس پي سليم شاهه جو شڪريو ادا ڪيو ويو

وڪيلن ۽ واپارين پاران ايس ايس پي سان تعاون ڪرڻ جي يقين ڏياني ڪرائي، وڪيلن ۽ تاجران ساٿ ڏين : ايس ايس پي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي سيد سليم شاهه پاران واپارين ۽ وڪيل برادري جي وفد سان ڌار ڌار ملاقات ڪئي وئي، ملاقات دوران وڪيل برادري ۽ واپاري برادي پاران سيد سليم شاهه کي ٽنڊو محمد خان چارج ملڻ جون مبارڪباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان : ملاقات دوران ورتل فوٽو

نوشهروفيروز ۾ سيپڪو جي
ڪارروائي، 300 کان وڌيڪ غير
قانوني ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) سيپڪو سب ڊويزن نوشهروفيروز عملي پاران سيپڪو انجنيئر اعجاز احمد ڏيٿو ۽ ايس ڊي او نذير احمد جوکيو جي اڳواڻي ۾ ريشم گلي، هيلائين چوڪ، امام بارگاهه باب حيدر، ميمن محلا نجف سنڌ امام بارگاهه مارڪيٽ چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ بجلي چورن ۽ بل ادا نه ڪندڙن خلاف ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانواهڻ ۾ شهيد جان محمد مهر جا قاتل ۽ سهولتڪار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪلهوڙو، رياض پارس ملاح، نصير ڪلهوڙو، راڄا حفيظ سهتو، الله بخش ڪونڌر، سيد شوڪت شاهه، شيراز پيرزاده ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گهڻو عرصو گذرڻ باوجود شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي : مظاهرين

سنڌ جي صحافين ۽ ٻين حلقن ۾ ٻڱتي جي لهر ڇانيل آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي واقعي ۾ ملوث مڙني جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ۾ شهيد جان محمد مهر جا قاتل ۽ سهولتڪار گرفتار نه ٿيڻ خلاف صحافين ۽ شهرين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي اڳواڻن مظهر ڪلهوڙو، رياض پارس ملاح، نصير ڪلهوڙو، راڄا حفيظ سهتو، الله بخش ڪونڌر، سيد شوڪت شاهه، شيراز پيرزاده ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته گهڻو عرصو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽو : سول اسپتال مڪلي ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

ضلعي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال ۾ رت جي ڪا سهولت موجود نه آهي : مظاهرين جون دانهون

اسپتال جي سمورن وارڊن ۾ دوائن جي پڻ شديد کوٽ آهي، مريضن کي ڪا به سهولت نه ڏني پئي وڃي

ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ غريب مريض آخر ڪيڏانهن وڃن؟ نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) گذريل ڏيڍ ڏهاڪي کان گذريل حڪومت پاران غير سرڪاري تنظيم مرف جي حوالي ٿيل سول اسپتال مڪلي ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف مريضن سميت سنڌن مائٽن جو سول اسپتال جي سامهون مين نيشن هاءِ وي تي ڌرڻو، ڌرڻي سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي ڌرڻي وارن جو چوڻ هو ته سول اسپتال ٺٽي جي وڏي سرڪاري اسپتال آهي جيڪا ٺٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو : سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ چورين ۾ ٺاپر نه آئي
چور موٽرسائيڪل سولر پليٽ
۽ ڦتين جا ٻورا کڻي ويا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ چوري جي وارداتن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي ڪالهه نامعلوم چور شهر جي وارڊ نمبر 9 جي رهواسي عبدالله خاصخيلي جي گهر اڳيان بيٺل سنڌس ڏيڍ لک ماليت جي سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا جڏهن ته شهر جي پاندا پور واري علائقي مان صحافي ناصر قاضي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

مظاهري ۾ لياقت عباسي، منصور ڪوڪر، وحيد راڄپر، عباس پٺاڻ، ماڻڪ ڪنگراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪري احتجاج ڪيو

اقتداري ڌريون اهو نٿيون چاهين ته سنڌن بدعنوانين ۽ ڏاڍ خلاف ڪوئي به آواز نه اٿاري : مظاهرين جون دانهون

جان محمد مهر جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

ڪراچي(باغي ساگر پنهوار) سنڌ صحافي اتحاد پاران ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ لياقت عباسي، منصور ڪوڪر، وحيد راڄپر، عباس پٺاڻ، ماڻڪ ڪنگراڻي، سجاد ميراڻي، عبد الله سولنگي، گل محمد منگي، علي محمد پتو، شفقت ترناري، دلدار سيلرو، پ پ ش پ جي عبدالمنان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جهڏو ۾ پراڻ ندي مان اڌڙوٽ شخص جو چار ڏينهن پراڻو لاش هٿ

اطلاع تي پوليس سرزمين تي پهچي لاش پراڻ ندي مان ڪڍي آر ايچ سي منتقل ڪيو

لاش جو ڪو به وارث اڃان تائين ظاهر نه ٿيو آهي لاش جهڏو سرڪاري اسپتال ۾ پيل آهي

جهڏو(رپورٽر) جهڏو ۾ پراڻ ندي مان اڌڙوٽ شخص جو چار ڏينهن پراڻو لاش هٿ. جهڏو رسان ڳوٺ رمضان خشڪ ريجهو پراڻ ندي اندر لاش لڙهندو ڏسي ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد جهڏو پوليس سرزمين تي پهچي لاش پراڻ ندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪڏڻ پرسان ناجيہ شاگرد تنظيم پاران تعليمي جاگرتا مهم هلائي وئي

علم پرايو سنڌ سنواريو ۽ علم روشني علم خوشحالي جي نعرن سان ريلي ڪڍي وئي

علم جي ڪري ئي اڄ انسان چنڊ تي پهتو آهي علم سان انسان مڪمل انسان بڻيو آهي : اڳواڻ

ڪڏڻ(رپورٽر ثناءالله ٿاليپر) ڪڏڻ پرسان يونٽ مريد ڏاهري پاران ناجيہ شاگرد تنظيم "نشاط جماعت لواري شريف تعليمي جاگرتا مهم هلائي وئي، جنهن ۾ ضلع سانگهڙ جا فنانس سيڪريٽري فريدالله ڏاهري، ضلع سانگهڙ پريس سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪڏڻ : تعليمي جاگرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس پاران منشيات فروشن جي رستا روڪ شروع

پوليس پاران شهر جي مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز جون ڪارروايون جاري

منشيات فروشن پارين پنهنجي روايتي طريقو استعمال ڪندي رفو چڪر ٿي چڪا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ايس ايس پي سليم شاهه جي هدايتن تي منشيات فروشن جي رستا روڪ شروع، ٽنڊو محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهوٽڪي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن جون منافعي خورن خلاف ڪارروايون

اسسٽنٽ ڪمشنر من پسند اگهه وصول ڪندڙ 4 دڪاندارن مٿان 20 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو

هڪ دڪان کي سيل ڪري ڇڏيو، پمپن مٿان 42 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنرن جون منافعي خورن خلاف ڪارروايون، 62 هزار روپيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي هدايتن تي اسسٽنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺاروشاهه ۾ عورت پاران مڙس جي ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف احتجاج

مڙس مهنجي پيءُ ۽ مون کي مار ڪٽ ڪري تشدد جو نشانو بڻائيندو هو : عورت

مهنجي پيءُ ۽ پارن کي جان جو خطرو تحفظ ڏئي حياتيون بچايون وڃن

ٺاروشاهه(رپورٽر) ٺاروشاهه پريس ڪلب تي عورت پاران مڙس جي ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف احتجاج، موروو جي رهواسڻ سارا مستوئي پهنجي پارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺاروشاهه : عورت مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ضلعي ۾ گوسڙو ٻاڪترن جا نالا ڏنا وڃن : ڊپٽي ڪمشنر بدين

پوليو مهم جي ڪاميابي جو دارومدار جامع مائڪرو پلان تي آهي

پنج سال تائين جي ٻارڙن کي پوليو سان گڏ وٽامن اي جا قطرا پيارايا ويندا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليوجي زير صدارت دربار هال ۾ پوليو کان بچاءُ واري قومي مهم جي سلسلي ۾ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ هن چيو ته صحت جون سهولتون هر ماڻهو جو بنيادي حق آهي هن صحت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

هڪ سازش تحت سنڌ جي قلم ڌڻين کي قتل ڪيو پيو وڃي : مظاهرين

جيستائين شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيندا احتجاج جاري رهندا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي سڏ تي دادو ۾ سنڌ صحافي اتحاد ضلع دادو پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي صحافين رضوان منگي، سرور جلال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو : سنڌ صحافي اتحاد جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ قوم پرست اڳواڻ افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ٽنڊو آدم ۾ هٿياربندن افضل لنڊ کي بي گناهه قتل ڪيو آهي، جنهن جي مذمت ڪيون ٿا : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي افضل لنڊ جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ الست سنگت جي پاران ٽنڊو آدم ۾ هٿيارٻندن جي ۾ قتل ٿيل قوم پرست اڳواڻ افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي وئي، شهدادڪوٽ ۾ نوجوان جي الست سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور ۾ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر جو افتتاح

سنڌ ۾ تعليم سان گڏ هنرسکيا لاءِ به ڪم ڪري رهيا آهيون : اڳواڻ

ان کان اڳ اسڪول ۾ وڻ پوکي شجرڪاري مهم جو افتتاح ڪيو ويو

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻا اسپيشل ايجوڪيشن ميڊيم زاهده غوث ڪاڪيپوٽو، اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول شڪارپور ۾ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر جو افتتاح ڪيو، ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

وارهه ۾ نوجوان افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

سوشل فورم وارهه جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ۾ قانوني رٽ بحال نه هجڻ سبب اسان کي نوجوانن جا لاش ملي رهيا آهن : اڳواڻ

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه گذريل ڏينهن شهدادپور پرسان نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل ڳيرو نوجوان افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سوشل فورم وارهه جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقه پريس ڪلب وارهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

وارهه : سوشل فورم جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

راڻيپور ۾ 6 هين ڏينهن به يونائيٽيڊ اينڊ لايرس فورم پاران احتجاج جاري

معصوم پريا ڪماري جي آزادي لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني تي ۽ سيڪيورٽي ادارن جي خاموشي تي اسان ڳڻتي جو اظهار ڪيون ٿا : مظاهرين

معصوم پريا ڪماري کي جلد آزاد ڪرائي والدين حوالي ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج وڌائينداسين

راڻيپور(رپورٽر) راڻيپور ۾ مسلسل 6 هين ڏينهن به يونائيٽيڊ اينڊ لايرس فورم ۽ وائيس آف راڻيپور جي پاران معصوم پريا ڪماري جي آزادي لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر نظير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

راڻيپور : مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانواهڻ پرسان ڪوٽڙي
ڪبير واسي پاران
احتجاج، انصاف جي گهر

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان ڪوٽڙي ڪبير واسي سهيل احمد ٿيبو پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ت ڪجهه ڏينهن اڳ مونکي دائود پٽ ۽ اسلم ٿيبو ۽ جج چيو ته ترڪي پينشن وٺرائي ٿا ڏيون جيڪا سچي عمر ترڪي پينشن ملندي ت مان پڇو مان اهو ڪٿين جوڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر : اداري ۾ انٽري بند ڪرڻ وارو معاملو، شاگردن کي تعليم جاري رکڻ جو حڪم

هاءِ ڪورٽ سمورن اسٽوڊنٽس کي تعليم جاري رکڻ جو حڪم ڏيندي انتظاميا کي مداخلت کان روڪي ڇڏيو

ڪلاسن ۾ داخلا بند ڪرڻ واري عمل خلاف ايڊووڪيٽ عرفان سومرو معرفت داخل ڪرايل پٽيشن جي ٻڌڻي ٿي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ قائم نجي ميڊيڪل اداري جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي الشفا آئي ٽرسٽ انتظاميا پاران تعليمي اداري ۾ انٽري بند ڪرڻ وارو معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر سمورن اسٽوڊنٽس کي تعليم جاري رکڻ جو حڪم انتظاميا کي مداخلت کان روڪي ڇڏيو 3 آڪٽوبر تي ڏرين عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم نوٽيس جاري ان سلسلي ۾ سکر جي الشفا آئي ٽرسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانپور مهر ۾ سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

صحافين، سول سوسائٽي، سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين پاران تعلقہ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ ۾ صحافي غير محفوظ بڻجي ويا آهن هر روز حق سچ لکڻ تي قلم ڌڻين کي گولين جو کاڄ بڻايو پيو وڃي : مظاهرين

سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل کي مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود قاتل گرفتار نہ ٿيا آهن

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي خانپورمهر ۾ احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو خبرموجب سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي خانپورمهر ۾ صحافين، سول سوسائٽي، سياسي سماجي اڳواڻن ،شهرين پاران تعلقہ پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خانپور مهر : شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي جي وارڊ 2 جي گهر مان نامعلوم
چور داخل ٿي گهر ۾ بيٺل موٽر
سائيڪل ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) مڪلي سوسائٽي يونٽ نمبر 02 جي رهواسي ٺٽي جي ڪپڙي جي واپاري فرحان دوساني ميمڻ جي گهر ۾ گذريل رات ديرسان 3 نامعلوم چور داخل ٿي گهر ۾ بيٺل موٽرسائيڪل، UPS بيٽري ۽ هڪ سوني چين جنهن جي ماليت 3 لک روپيه ٻڌائي پئي وڃي، کڻي فرار ٿي ويا، اهڙي ٿيل واردات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان ۾ بزرگ پير پلن شاهه جيلاني جي 75 هين عرس مبارڪ تي صوفياڻو راڳ

رسم درگاهه جي گادي نشين پير چنگل شاهه جيلاني هزارين مريدن جي ريلي جي صورت ۾ چادر چاڙهي رسم ادا ڪئي

ميلي جي رسمن جو آغا شروع ڪيو ويو، درگاهه جي اڱڻ ۾ صوفي راڳي فقيرن راڳ جي محفل رچائي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

اسلام دنيا جو اهڙو مهذب مذهب آهي جنهن پوري دنيا جي انسانيت کي حقيقي راهه عمل جي منزل ڏانهن متوجه ڪيو آهي : اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) سنڌ جي صوفي بزرگ پير پلن شاهه جيلاني جي 75 هين عرس مبارڪ ميلي جي موقعي تي صوفياڻو راڳ، سماع جي رسم، هزارين مريدن جي آمد، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ويجهو تعلقي حيدرآباد جي تورائي شريف ۾ سنڌ جي صوفي بزرگ سيد پلن شاهه جي ساليانو 75هين عرس مبارڪ ميلي جي ڏهاڙي جي رسم درگاهه جي گادي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گولاڙچي ۾ سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي احتجاجي ريلي، نعريبازي

سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر يوسف جاني، رضا آڪاش خاناڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد صحافي جان محمد جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن، صحافي غير محفوظ بڻجي ويا آهن : مظاهرين

هر روز حق سچ لکڻ تي قلم ڌڻين کي گولين جو کاڄ بڻايو پيو وڃي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي گولاڙچي ۾ صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب وٽ ڌرڻو هنيو ويو، سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر يوسف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين : سنڌ صحافي اتحاد جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي شهر جو رهواسي ادا محمد
ميمڻ بهترين طبيعت جو
مالڪ آهي : ميمڻ برادري

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر جي رهواسي ميمڻ برادري جي معزز شخصيت، ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ کي سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪاميٽي پاران مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي ڪيس سنڌ ميمڻ اتحاد جي اليڪشن ڪميشن جو چيئرمين چونڊيو ويو آهي، جنهن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ نگران صوبائي وزير سنڌ محمد عمر سومرو جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ سيڪريٽري هيومن رائيٽس جاويد صبغت الله مهر، ڊي آءِ جي سکر عبدالحميد کوسو ۽ ٻين جي شرڪت

مفرور ملزمن جي جلد گرفتاري عمل ۾ آڻي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي : صوبائي وزير

فاطمه فرڙو قتل ڪيس ۾ نامزد مفرور ملزمن حنا شاهه ۽ فياض شاهه کي هن وقت تائين گرفتار ناهي ڪري سگهي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) : قانون، مذهبي معاملن ۽ انساني حقوقن واري نگران صوبائي وزير سنڌ محمد عمر سومرو جي صدارت هيٺ ڪمشنر ڪيمپ آفيس بيڙاج ڪالوني سکر ۾ امن امان جي صورتحال ۽ انساني حقوقن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي گذري، اجلاس ۾ سيڪريٽري هيومن رائيٽس جاويد صبغت الله مهر، ڊي آءِ جي سکر عبدالحميد کوسو، سکر، خيرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

محرابپور ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو، نعريبازي

ميڊيا هائوس جي صحافين پاران هالاڻي روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي ڪئي وئي

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي : مظاهرين

صحافي هميشه مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهن، سازش تحت صحافين کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ميڊيا هائوس محراب پور جي صحافين پاران هالاڻي روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي وائيس چيئرمين بجل هنگورو، دودل خان نوح پوٽو، قاسم علي شيخ، مجاهد علي سامٽيو، علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

محرابپور : شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ نئين آيل ڊپٽي ڪمشنر
محمد ارسلان سليم عهدي جي چارج
سنڀاليندي ڪم شروع ڪري ڇڏيو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ نئين آيل ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم اڄ پنهنجي عهدي جي چارج سنڀاليندي ڪم شروع ڪري ڇڏيو هن اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي سمورن برانچن جو دورو ڪيو ۽ عملي سان ملاقات ڪئي ۽ انهن کان ڪم جا تفصيل ورتا، ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڏڙي واسڻ نوجوان ناري مهرالنساءَ جانوري گم ٿيڻ وارو مامرو، وارث پريس ڪلب پهتا

اسان جي نياڻي کي قتل يا وڪرو ڪيو ويو آهي : ناري جي ماءُ حسينہ جانوري ۽ پيا

اسان تي ۽ ڇوڪري جي مائٽن تي صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي : الزام هيٺ آيل ڌر

سجاول (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي بنگلي تي ڪم ڪندڙ ڏڙي واسڻ نوجوان ناري مهرالنساءَ جانوري گم ٿيڻ وارو مامرو، ناري جي وارثن ماءُ حسينہ جانوري ۽ پيءُ غلام مصطفيٰ جانوري جو چوڻ آهي ته اسان جي 24 سالا نياڻي مهرالنساءَ جانوري کي هزار خان زئور ۽ سنڌس ماءُ ست هزار روپيه مهيني جي پگهار تي سنڌس پيڻ جي ڪراچي ڊفينس واري علائقي ۾ بنگلي تي پورهيو ڪرڻ لاءِ وٺي ويا جنهن کي به هفتہ مس گذريا ته گم ٿي، هن الزام لڳائيندي چيو ته اسان جي نياڻي کي قتل يا وڪرو ڪيو ويو آهي، ٻي پاسي الزام هيٺ آيل هزار خان زئور سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي ڪانفرنس ڪندي چيو ته گذريل 25 ڏينهن اڳ ڇوڪري جي ماءُ حسينہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 13 سيپٽمبر 2023ع

ڪنڌڪوٽ مان وڏيڪ ٽي پورهيت اغوا ٿي ويا

ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ مغوين جي بازيابي جي لاءِ احتجاج جاري آهي ته وري ساڳئي علائقي مان وڏيڪ ٽي پورهيت اغوا ٿي ويا آهن. جنهن مان ثابت ٿي رهيو آهي ته انهيءَ علائقي ۾ حڪومت جي رٽ مڪمل طور ختم ٿي وئي آهي. تازي اغوا جي واردات ڪنڌڪوٽ پرسان مليرانڊس هاءِ وي تي ٿي آهي، جتي بلوچستان ڪان پنجاب ڏانهن ويندڙ ٽرڪن تي هٿياربندن فائرنگ ڪري، ٽرڪن جي ٽائرن کي گوليون هنيون. جنهن تي ٽرڪون رڪجي ويون. جنهن بعد هٿياربند ٽن ڄڻن قدير، جهانزيب ۽ محمد ياسين کي اغوا ڪري ويا هئا.

اهڙي واقعي بعد ٽرڪ ڊرائيورن ۽ ٽرانسپورٽ يونين پاران احتجاج ڪيو ويو. واقعي واري هنڌ تي ڌرڻو هنيو ويو. جيڪو ٻئي ڏينهن تائين به جاري رهيو. ڌرڻي سبب سنڌ ڪان ٻين صوبن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ ٻن ڏينهن کان وٺي رڪيل آهي. ان دوران پوليس جي دعويٰ آهي ته هڪ ٽرڪ ڊرائيور جهانزيب کي پوليس هٿياربندن ڪان ڇڏائي ورتو آهي.

سنڌ ۾ اترين ضلعن ۾ ڪافي وقت ڪان اغوا جون وارداتون عام آهن. بدامني جي اهڙي باهه خلاف دانهن ڪرڻ بعد عوام شٽر بند هڙتال ڪري ڌرڻا هڻڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. اهڙي سنگين ڏوهن تي به اختيارين جڏهن ماڻهن کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو ته ان جو سموري سنڌ ۾ ردعمل ظاهر ٿيو آهي. هن وقت به سنڌ جي مختلف هنڌن تي احتجاج جو سلسلو جاري آهي. جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته هاڻي عام ماڻهو مڪمل طور تي سنڌ ۾ جاري بدامني کان بيزار ٿي ويو آهي. ٻئي پاسي مقامي پوليس ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور ضلعي ۾ عوام جي اندر اهڙي ڪا اميد پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. جنهن سان ماڻهن کي تحفظ جو احساس ٿئي.

حڪومت جو آئيني، قانوني ۽ اخلاقي طور اهو فرض ٿئي ٿو ته عوام جو تحفظ ڪيو وڃي پران پاسي کو به ڌيان نه پيو ڏنو وڃي. جنهن ڪري حڪومت ۽ عوام وچ ۾ اڳي ئي موجود فرق ۽ ويڇو وڌي رهيو آهي. جنهن جو اثر سموري معاشري تي پئجي رهيو آهي. جنهن ڪري علائقي ۾ ڪاروبار ڪندڙ ڌرين ۽ پورهيت ماڻهو خوف واري ڪيفيت ۾ گهاري رهيا آهن. اختيارين طرفان اهڙي قسم جي لاپرواهي جوئي نتيجو آهي جو ڌاڙيلن وٽان ايترا مغوي واپس نه ٿيا آهن. هن وقت تائين به ڪافي مغوي هٿياربندن وٽ موجود آهن. مٿان واري ڌوهاري ماڻهو سرعام وارداتون ڪري رهيا آهن.

ڪنهن به معاشري ۾ رواجي زندگيءَ جي لاءِ امن امان جو بهتر هئڻ لازمي آهي. ان بعد ئي زندگيءَ جي ٻين شعبن کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. تڏهن ئي ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار ۾ آزاد هوندا ۽ ان جو معاشري کي ڪو فائدو پهچي سگهندو. پر خوف جي ڪري ڪنهن به ماڻهو کان جوڳو ڪم نه ٿي سگهندو. اهڙي ريت سماجي ترقي جو ڦيٿو مڪمل جام ٿي ويندو. جنهن جو هر سطح تي وڏو نقصان سهڻو پوندو.

حڪومت کي گهرجي ته اتر سنڌ خاص ڪري ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور ۾ پوليس کي فري هينڊ ڏئي جيئن امن امان کي بهتر ڪري سگهجي ٻئي صورت ۾ ماڻهن جي اندر پرجندڙ ڪاوڙ ڪنهن وڏي ڌماڪي جي صورت ۾ ٻاهر نڪري سگهي ٿي.

تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران گڏيو؛
ڇڪيا چاڪَ ڇيهُون ڪري، ڳڙيُون مور نہ ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پٽي ٿارُ ٿپنِ؛

گرين پاڪستان منصوبي ۾ عوام لاءِ ڪُجهه آهي؟

ادريس لغاري

پاڪستان جي حڪمران طبقي ۽ رياست جي اصل وارثن گذريل ڇاهتر سالن ۾ جيڪي عوام سان ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ ڪوڙا واعدا ڪيا آهن. تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. پهرين وزيراعظم لياقت علي خان اعلان ڪيو ته بس آمريڪا اسان کي پنهنجو ڪري ته پوءِ ملڪ ۾ خوشحالي جون نديون وهي وينديون. آمريڪا پنهنجو ڪيو. پر لياقت علي خان الله کي پيارو ٿي ويو فالج جي مريض غلام محمد به هن ملڪ ۽ عوام سان پنهنجي وسان نه گهٽايو. مٿان ڏٺي پاڻ جنرل ايوب خان اچي نڪاءِ ڪيو سنڌس ڏهن سالن جي حڪومت ۾ پاڪستان ۽ ان جي عوام وڏيڪ عذاب واري زندگي گذاري. جنرل يحييٰ خان ته ملڪ کي به حصا ڪري وڃي سک جو ساهه ڪنيو. ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس پارٽي اوپر پاڪستان کي الڳ ڪرائڻ ۾ يحييٰ جو ساٿ ڏئي اقتدار حاصل ڪيو. پنجن سالن جي حڪومت ۾ چار سال بلوچستان ۽ تڏهوڪي سرحد صوبي (موجوده ڪي پي ڪي) ۾ گورنر راج لاڳو ڪري ڇڏيائين. سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب جي ترقي پسند، قومپرست ۽ جمهوريت پسند سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن کي جيلن اندر واڙي ڇڏيائين. سوين هزارين سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ قتل ڪيا ويا. پورن پنجن سالن ۾ سوا چار سال آمريڪا جو وڏو اتحادي رهيو ۽ آخر ۾ جڏهن جهيڙو ٿيو ته آمريڪا ضياءَ جي هٿان مڙس کي ڦاهي تي لٽڪائي سک جو ساهه ڪنيو ۽ هيڏانهن عوام کي هڪ ووٽ جي بدلي ۾ سوشل ازم آڻڻ جا خواب ڏيکاريا ويا ۽ آخر ۾ "روٽي ڪپڙا ۽ مڪان" ملڻ جي بجاءِ ڪسڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويا. مٿان وري مرد جنرل ضياءَ الحق اچي ويو. جنهن کي اسلام ۽ مسلمانن جو تمام گهڻو فڪر هو. تنهن ڪري آمريڪا جي حڪم ته انهن جي ترقي لاءِ پوري دنيا مان دهشتگرد گڏ ڪري، ملڪ ۾ هيروئن، ڪلاشنڪوف ۽ ڪرپشن جي ڪاروبار کي عروج تي پهچايائين ۽ پاڻ "هوا" ۾ خاڪ ٿي ويو ۽ هيڏانهن عوام اجا ان عذاب ۾ پيو زندگي گهاري. ان ڪانپوءِ بينظير، نواز شريف به به دفعا آيا. عوام جي ڀلي ۽ بهتري لاءِ وڏا اعلان ڪيائون. پر عملي طور عوام وڏي عذاب کي مُنهن ڏيڻ لڳو مٿان وري جنرل مشرف اچي ويو. جنرل مشرف سٽي بئنڪ جي اڳوڻي صدر شوڪت عزيز سان گڏجي ملڪ ۾ جنهن قرض، ڪرپشن، مهانگائي ۽ بيروزگاري جو جيڪو هڪ نئون ۽ منفرد بنياد رکيو خيرن سان انهن ٻنهي جي وڃڻ ڪانپوءِ گذريل پندرنهن سالن ۾ ملڪن انهن شعبن ۾ وڌ کان وڌ ترقي ڪندو نوان رڪارڊ قائم ڪندو پيو اچي. انهن سيني ملڪي سربراهن پاڪستان ۽ ان جي عوام کي ترقي ۽ خوشحالي جي منزل تي پهچائڻ ۾ پنهنجي وسان گهٽ نه ڪيو. نتيجي ۾ ملڪ ۽ عوام خوشحالي ۽ ترقي نه ماڻي سگهيا پر انهن سان جيڪي گڏ هئا سي امير ڪان اميرتي ويا ۽ اهي پاڻ به اميرن ڪان امير آهن. اڄ انهن جا پٽ، پوٽا، ڏوهٽا، ڏوهٽيون، پاءِ، ڀائٽا ۽ ٻيا رشتيدار ساڳين عهدن ۽ وزارتن تي برجمان ٿيو وينا آهن ۽ وري هيڏانهن عوام اهو ساڳئي ئي عذاب ۾ آهي. عوام کي انهن پنجهتر سالن ۾ صرف ئي صرف وڏيون ڳالهيون، ڦوڪون، ٻٽاڪون ۽ ڌاڙون پلئه پيون آهن ۽ خيرن سان هاڻي هڪ نئين ڌاڙ، ڦوڪ يا ٻٽاڪ وري "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل" (ايس آءِ ايف سي) جي روپ ۾ ملي آهي. جنهن ۾ عوام کي ٻڌايو پيو وڃي ته بس توهان جي ترقي ۽ خوشحالي اچڻي هوندي ته ان ۾ ايندي نه ته هميشه جي لاءِ نه ايندي.

اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف وڏي فخر سان پوري قوم کي مبارڪون ڏيندي چيو ته "مون کي آرمي چيف جنرل عاصم منير مشورو ڏنو ته زراعت طرف توجهه ڏيڻ گهرجي. جنهن ۾ ملڪ ۽ عوام جي خوشحالي يقيني آهي." اها سچي خوشحالي جنهن لاءِ عوام کي ڇاهتر سال انتظار ڪرڻو پيو ۽ وڏي ڳالهه اهڙو ڪارنامو لياقت علي خان، ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، نواز شريف، آصف زرداري، عمران خان، جنرل ايوب خان، جنرل يحييٰ خان، جنرل ضياءالحق ۽ جنرل مشرف سرانجام نه ڏئي سگهيا ۽ وڏي ڳالهه ته 2011ع تائين دنيا جو اڪيلو طاقتور رهندڙ ملڪ آمريڪا پاڪستان جو پڳ مٽ يار رهيو ۽ هاڻي جڏهن نه آمريڪا پاڪستان جو يار رهيو آهي ۽ نه ئي وري ان جا اتحادي يورپي ملڪ پاڪستان سان سچا رهيا آهن ۽ پاڪستان هڪ سوا ارب ڊالرز قرض جي لاءِ دنيا آڏو هٿ جهليو بيٺو آهي. اهڙي وقت ۾ اسان جي جنرل منير صاحب هڪ معجزو ڪري "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل" (ايس آءِ ايف سي) جو تصور پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ مختلف قسم جا پراجيڪٽ شامل آهن. جنهن جي ايپڪس ڪميٽي ۾ آرمي چيف کي هڪ ميمبر طور ڪنيو ويو آهي ۽ ٻيا فوجي آفيسر ڪميٽي جا ڊائريڪٽر جنرل هوندا. ان ئي ڪائونسل ۾ هڪ شعبو "ڪارپوريٽ فارمنگ" جو پڻ آهي. پاڪستان جي معاشي سروي 2023ع جي مطابق پاڪستان جو زرعي شعبو 22 سيڪڙو جي ڊي پي ۽ 37 سيڪڙو ملازمت مهيه ڪري ٿو. پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته اهو زرعي شعبو پاڪستان ۾ تقريبن 45 سيڪڙو روزگار مهيا ڪري رهيو آهي "لينڊ انفارميشن اينڊ مينجمينٽ سسٽم" جي سربراهه ميجر جنرل شاهد نذير جو چوڻ آهي ته "سائي پاڪستان کي اسٽريٽيجڪ پراجيڪٽس ۾ شامل ڪيو ويو آهي (پڙهندڙن کي ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان ۾ سرخ انقلاب جي جاءِ تي سائو انقلاب اچي ويو آهي جنهن جون ڪوششون 1947ع کان ٿي رهيون هيون) جنهن جي سربراهي آرمي جي ڊائريڪٽر جنرل اسٽريٽيجڪ پراجيڪٽس هوندو. ان منصوبي جو مقصد تقريبن هڪ ڪروڙ 72 لک غيرآباد زمين کي زرعي فارمنگ لاءِ استعمال ڪرڻ آهي ان سان 30 کان 40 ارب ڊالرز جي سرمائيڪاري ٿي سگهندي. سعودي عرب، متحده عرب امارات، قطر، بحرين ۽ چين زرعي منصوبن تي ڪم ڪندا.

هي منصوبو عام پاڪستانين جي زندگي ۾ ڪيتري ۽ ڪهڙي قسم جي خوشحالي آڻيندو. تنهن جو اعتراف ان جي پهرين ۽ شروعاتي پروگرام ۾ ملڪ جي وزيراعظم شهباز شريف (جيڪو هاڻي اڳوڻو وزيراعظم ٿي ويو آهي) ميڊيا جي آڏو عوام کي واضح طرح ٻڌائي ڇڏيو هو ته "وچ اوڀر جا ملڪ سرمائيڪاري ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. هُو هتي اچي ناٽو لڳائين. جنسون پيدا ڪن ۽ ڪٽي وڃن ۽ هي زمين تي هتي رهندي." يعني هُو هتي پيسا خرچ ڪندا. ان مان جيڪا ڪمائي ٿيندي اها پاڻ ڪٽي ويندا ۽ اسان کي مزدوري مس ملندي. هتي سڀ ڪان وڏو ۽ اهم سوال هي آهي ته هن ملڪ ۾ اڳي ئي پاڻي جي ڪوٽ آهي. اها ڪوٽ ڪٽي پنجاب ۾ نه آهي پر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ان جي تمام گهڻي ڪوٽ آهي. جنهن جي ڪري هر فصل مڪمل طور پوکجي نه سگهندو آهي ۽ ڪيتري ايراضي آباد ٿيڻ ڪان رهجي ويندي آهي. 1950ع جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان پاڻي جي في کس موجودگي 5000 ڪيوبڪ ميٽر هئي ۽ 2018ع ۾ 1000 ڪيوبڪ ميٽر ڪان به گهٽ ٿي وئي آهي.

ڊائون اسٽريم جيڪو اڳي ئي تباهه ٿي چڪو آهي ۽ اتي سال ۾ هڪ دفعو جيڪو ٿورو گهڻو پاڻي ڇڏيو ويندو هو اهو به بند ٿي ويندو ۽ پيو ته سنڌ ۽ بلوچستان کي اڳ ۾ ئي پنهنجي آئيني ۽ قانوني حصي ڪان تمام گهٽ پاڻي ملندو رهيو آهي ۽ هاڻي ته ان ۾ تمام گهٽي ڪوٽ اچي ويندي ۽ عام هاري ۽ آبادگار پنهنجي زمين آباد ڪرڻ جي بجاءِ ان کي وڪرو ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. سنڌ ۽ بلوچستان جو عوام وڏيڪ غربت ڏانهن ڌڪجي ويندو. وڏي ڳالهه ته جيڪا هڪ ڪروڙ 30 لک ايڪڙ زمين آباد ڪئي ويندي، سرمايو لڳائيندڙ ڪمپنيون ان مان گهٽي کان گهٽي اُپت ڪٽڻ لاءِ تمام گهڻو پاڻ ۽ پاڻي استعمال ڪندا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه سالن جي اندر اها زمين سيلاب جي ور چڙهي ويندي ۽ ايندڙ وقت ۾ اها آبادي جي لائق نه ٿيندي. تنهن ڪري سرمايو لڳائيندڙ نه صرف ڪجهه سالن اندر گهڻو ڪجهه ڪمائي ڪٽي ويندو ۽ اسان جي عوام جي حالت اها ساڳي ئي رهندي ۽ هيڏانهن زمينون جيڪي هن وقت ڪجهه نه ڪجهه آباد ٿي رهيون آهن ۽ ان تي لکين ماڻهو پنهنجو گذارو ڪري رهيا آهن. سياڻي انهن جي گذر جو اهو واحد گس به بند ٿي ويندو. تنهن ڪري عوام کي ان ڳالهه جو احساس رکندي هڪ وڏي ۽ ڊگهي پلاننگ سان ان کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اڳيان اچڻ گهرجي!

قيوم نظامي ۽ چين جو گهڻ رخو اڀياس

عاطف ملاح

"جرنيل اور سياستدان: تاريخ ڪي عدالت مين" جهڙي جڳ مشهور ڪتاب سان گڏ پاڪستان آمريڪا تعلقات تي "آزادي سي غلامي تڪ" جهڙن شاهڪار ڪتابن جي ليکڪ، پاڪستان جي مشهور ڪالم نويس قيوم نظامي جو چين جي تاريخ، سياست ۽ چين جي رياستي اسٽرڪچر، چين جي ترقي، اپار ۽ عروج تي لکيل هڪڙو زبردست ۽ اهم ڪتاب آهي. قيوم نظامي جو هي ڪتاب ڪل 45 بابن تي مشتمل آهي. "سڀ کان پهرين عوام"، "چين جو رياستي نظام"، جنهن ۾ رياستي ڪائونسل، سينٽرل ملٽري ڪميشن، ليگل سسٽم، مقامي حڪومت چين جي صدر، ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري تي بحث ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ "پيپلز پوليس"، "شي چن پنگ" تي لکيل باب ۽ "معاشي نظام"، "چين جو عدالتي نظام" وغيره جا باب انتهائي پراثر ۽ ڪارائتا آهن. قيوم نظامي ملڪ جو ناميارو ليکڪ آهي سندس جنم 11 اپريل 1943ع ۾ ٿيو پنجاب يونيورسٽيءَ مان سياست ۽ قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين پيپلز پارٽي ۾ شموليت سان عملي سياست جي شروعات ڪيائين. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پڻ سرگرم رهيو چين بابت هو پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "چين پاڪستان جو انتهائي قابل اعتماد دوست آهي". چين سان پنهنجي يادگيرين بابت هو ٻڌائي ٿو ته 1990ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو جي قيادت ۾ هو چين ۽ اتر ڪوريا جي دوري تي ويو هو ان دوران هن ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل جيانگ زي من ۽ ميڊم ماڻ چيني وزيراعظم لي پنگ سان ملاقات ڪئي هئي. اتر ڪوريا جي عظيم انقلابي اڳواڻ ڪم ال سنگ سان پڻ سندس ملاقات ٿي. هو چيني اڳواڻن جي مهمان نوازي مان تمام گهڻو متاثر ٿيو چين جيڪو ايتري مختصر عرصي ۾ ڪيئن ترقي جون منزلون طئي ڪندو اڄ دنيا جي ٻين وڏي معاشي طاقت بڻيو آهي؟ چيني فوج اڄ ڪيئن دنيا جي وڏي ملٽري طاقت بڻجي وئي آهي؟ چين ڪيئن مختصر وقت اندر پنهنجي ماڻهن کي غربت جي لڪير ڪان ڪڍي آيو؟ اهڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي اهم سوالن تي مشتمل چين بابت لکيل هي ڪتاب تمام بهترين ۽ پڙهڻ جوڳو آهي. چيني ڪميونسٽ پارٽي جا اڳواڻ عوام کي اهميت ڏين ٿا. چين جي ڪميونسٽ پارٽي عوام کي پنهنجو استاد سمجهي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ قيوم نظامي لکي ٿو ته. "ڪميونسٽ پارٽي عوام سان رابطو بحال رکندي آهي. انهن سان صلاح مشورو ڪندي آهي ۽ عوام جي صلاحن جي روشني ۾ رياست جو ڪار وهنوار هلائيندي آهي". (ڪتاب: چين جا سئو سال)

چيني صدر ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري شي چن پنگ پنهنجي هڪ خطاب دوران چيو هو ته. "طاقت جو سرچشمو عوام آهي. چين جا اڳواڻ مختلف حيثيتن ۾ عوام جي خدمت ڪن ٿا. اڳواڻ اهليت، تجربي ۽ ماضي جي ڪارڪردگي جي روشني ۾ چونڊيا ويندا آهن." اهو ڪتاب چين جي بادشاهي دور جي مٿاڇري ذڪر سان گڏ پهرين آڪٽوبر 1949ع ڌاري مائوزي تنگ جي پيپلز ريپبلڪ آف چائنا، جنهن جو گادي جو هنڌ بيجنگ ٻڌايو ويو جي اعلان ڪان ويندي چين جو دنيا ۾ پاڻ مڃائڻ، ون چائنا پاليسي ۽ بيلٽ اينڊ روڊ انيشيٽيو تائين جي اهم واقعن تي بحث ڪري ٿو واضح رهي ته چين دنيا ۾ ون چائنا پاليسي ۾ مڃائڻ سان گڏ 1978ع ڌاري آمريڪا پڻ چين کي تسليم ڪيو ۽ چين گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل جو ميمبر پڻ بڻايو ويو 11 ڊسمبر 2001ع کان چين ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن جو ميمبر پڻ آهي ڪتاب جي ٻين نمبر باب جنهن جو عنوان "لانگ مارچ" آهي. ان ۾ قيوم نظامي چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي عظيم ۽ تاريخي لانگ مارچ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: چين جو لانگ مارچ مشڪلاتن، مصيبتن ۽ جان ۽ مال جي قربانين جو هڪ وڏو داستان آهي. لانگ مارچ جي شروعات 85 هزار انقلابين سان ٿئي ٿي ۽ منزل تائين فقط 8 هزار سرفروش انقلابي پهچي سگهن ٿا. لانگ مارچ دوران ڪميونسٽ فوجين 18 جابلو سلسلا ۽ 24 دريا پار ڪيا. 368 ڏينهن تائين جاري رهندڙ لانگ مارچ ۾ 11 صوبن جو سفر طئي ڪيو ويو. لانگ مارچ مائوزي تنگ جي عظيم انقلابي دانا هجڻ ۽ بلند پايا جنگي حڪمت عملي جي ماهر جو ثبوت ڏنو لانگ مارچ ڪانپوءِ مائو چين جو عظيم انقلابي رهبر ۽ اڳواڻ طور سامهون آيو. قيوم نظامي وڌيڪ لکي ٿو ته انتهائي سخت بحرانن واري دور ۾ جڏهن جاپاني سامراج چين مٿان سخت حملي آور هو ان وقت مائوزي تنگ قومي متحده محاذ جوڙيو. شاگردن کي جاپان خلاف جدوجهد ۾ آندو ويو ۽ اٺين سخت جاکوڙ، محنت ۽ ويڙهه بعد چين فتح حاصل ڪئي. قيوم نظامي موجب، "چين جو انقلاب ان ڪري ڪامياب ٿيو جو پارٽي عوامي فوج جو قيام عمل ۾ آندو جيڪا نئين طرز جي فوج هئي. عوام سان فوج جو رشتو جسم ۽ روح وارو هيو "قيوم نظامي عظيم انقلابي استاد مائو جي تعليم تي روشني وجهندي لکي ٿو ته مائوزي تنگ ڪارڪنن لاءِ هڪڙا ضابطا ۽ هڪڙا اصول تيار ڪيا. هن پنهنجي ڪارڪنن کي انهن تي سچي نيت سان عمل ڪرڻ لاءِ چيو. مائو چيو ته ماڻهن ڪان سوئي ۽ ڌاڳو به نه کسيو رستي ۾ جيڪا شئي ملي، اها جمع ڪرايو. نرم لهجي ۾ ڳالهايو. شين جي مناسب قيمت ادا ڪريو جيڪا شئي اوڌر وٺو وري واپسي ۾ ايمانداري سان اها واپس ڪريو. نقصان جو معاوضو ادا ڪريو ماڻهن سان زيادتي نه ڪريو قيدين سان سٺو سلوڪ ڪريو ۽ عورتن جي عزت ۽ وقار جو خيال رکو

آرگنائيزر مريم نواز به راڻا مقبول احمد جي گهر پاتين سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي.

محروم آهن. جنهن وٽ پئسو آهي اهو پوليس سميت هر شئي خريد ڪري وٺي ٿو سنڌس چوڻ هو ته وفاق ۾ ايندڙ حڪومتون پنهنجن مفادن لاءِ سنڌ حڪومت کي اتحادي بنائي سنڌ جي عوام کي مڪمل نظرانداز ڪري ڇڏين ٿيون. 15 سالن کان سنڌ کي پٽ سان لڳايو ويو آهي. وفاق کي سنڌ جا وسيلا گهرجن. سنڌ جو تيل گهرجي، گئس گهرجي، سنڌ جو پاڻي گهرجي. سنڌ جي دولت گهرجي پر سنڌ جا ماڻهو نه گهرجن. جنهن ڪري سنڌ ۾ هٿ وٺي قبيلائي جهيڙا ڪرايا

بقايا 23

جوابي خط لکي ڇڏيو آهي شيخ رشيد طرفان جوابي خط ۾ لکيو ويو آهي ته القادر ٽرسٽ ۽ 190 ملين پائونڊز ڪيس جي مون کي خبر نه آهي، نه ئي هن ڪيس بابت مون کي ڪا ڄاڻ آهي. مان نه القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گواهه به نه

ايف بي آر جي ٽيڪس گڏ ڪرڻ جي اوسر جي شرح تي اطمينان جو اظهار ڪيس

بقايا 18

ذريعن موجب ڪنڊ، پاڻ ۽ ڪٿڪ جي پاڪستان کان اسمگلنگ جي باري ۾ تفصيل رپورٽ جو حصو آهن. جڏهن ته ڪٿڪ، پاڻ، ڪنڊ جي اسمگلرز ۽ سرڪاري اهلڪارن جا تفصيل به رپورٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن ذريعن موجب رپورٽ ۾ ڪٿڪ جي اسمگلنگ ۾ 592 ذخيرو

جواب آهي ته سزا معطل ٿيڻ باوجود ٻي ٽي آءِ چيئرمين قيد ڇو آهي؟ ٽرائيل ڪورٽ جو جج اين او سي تي اٽڪ جيل ڇو هليو ويو؟ فاضل جج پنهنجو دماغ استعمال ڇو نه ڪيو؟ سپائي جيڪڏهن لانڍي جيل جي اين او سي اچي وڃي ته ڇا جج صاحب لانڍي هليو ويندو؟ چيف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي اٽڪ جيل ۾ ڪرڻ بابت قانون واري وزارت جي نوٽيفڪيشن خلاف ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو ان موقعي تي پي ٽي

هنرمند ڇوڪرين ۾ سلائي مشينون ورهايون ويون. تقريب ۾ اسڪول جي ٻارن گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا. تقريب کي خطاب ڪندي نگران صحت واري وزير سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد نياز ٻارن پاران پيش ڪيل ٽيبلوز کي ساراهيو ۽ پنهنجي سيٽ تان اٿي ٻيهي داد ڏنو تقريب کي خطاب ڪندي اسپارڪ جي مئنيجر شمائله مزمل اداري ۽ علائقي کي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني. هن چيو ته علائقي ۾ پوليس اسٽيشن، ڪاليج يا تعليمي ادارو موجود ناهي

جي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر کي روزانو 16 هزار ڪالون موصول ٿيون. وصول ٿيندڙ ڪالن مان 93 سيڪڙو ميڊيڪل ۽ 7 سيڪڙو باقي ايمرجنسي جون آهن جڏهن ته سراسري طور تي 19_24 سيڪڙو ڪالون غير ضروري آهن. جيڪو اسان جي آپريشنل ڪم کي تمام گهڻو متاثر ڪريٿو هن تجويز ڏني ته جيڪڏهن ريسڪيو 1122 پاران وصول ڪيل ڪالن لاءِ رقم وصول ڪئي وڃي ته ان سان گڏ غير ضروري ڪالن جي حوصلا شڪني ٿيندي ۽

مڪمل چارجز سان گڏ "سنڌ حڪومت طرفان عطيو" واضح طور تي لکيل هوندو. جيڪو به بل ادا ڪرڻ جي استطاعت رکي ٿو اهو بل جمع ڪرائي رسيد حاصل ڪري. جڏهن ته جيڪي ماڻهو بل جمع نه ڪرائيندا انهن کي گهٽ ۾ گهٽ اها خبر هجڻ گهرجي ته سنڌ حڪومت انهن تي ڪيتري رقم خرچ ڪئي آهي. هن چيو ته عوام کي ڄاڻ گهرجي ته سنڌ حڪومت ڪين فراهم ڪيل صحت جي سهولتن تي ڪيترو خرچ ڪري رهي آهي. هن اداري جي ايمبولينس کي "اميد" جو نالو ڏيڻ ۽ سول سوسائٽي جي دوستن کي گڏ ڪري "فرينڊز آف هوپ" جو هڪ گروپ/ڪلب ٺاهڻ جي تجويز ڏني. هن چيو ته قائم ڪيل گروپ ۾ شامل ماهرن جي راءِ سان اداري جي بهتري لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن. هن سنڌ جي سمورن سرڪاري اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ کي پڻ هدايت ڪئي ته هو SIEHSکي هر قسم جي پروفيشنل سهولتون ۽ سهڪار فراهم ڪن. ان کان اڳ برگيڊيئر(ر) طارق قادر لکيار سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز کي تفصيلي بريفنگ ڏيندي چيو ته ريسڪيو 1122 شروعاتي طور "امن هيلٿڪيئر سروس" هئي جيڪا ڪراچي ۾ 45 ايمبولينس سان عوام کي سهولتون فراهم ڪري رهي هئي. جڏهن ته سنڌ حڪومت سان معاهدي ڪانپوءِ نئون ادارو وجود ۾ آيو جنهن تحت پهرين مرحلي ۾ ڪراچي کان ٻاهر اندرون سنڌ اندر نئين ۽ سحاول کي سنڌن خدمتن ۾ شامل ڪيو ويو. جڏهن ته اڄڪلهه 371 ايمبولينسز سان هي سروس عوام لاءِ 24/7 مڪمل طور تي سنڌ جي هر وڏي شاهراهه ۽ شهر ۾ ڪمڪري رهي آهي. هن چيو ته ريسڪيو 1122 جي ايمبولينس سروس عالمي معيار موجب ڪيترن ئي ملڪن کان بهتر معيار جي سروس بڻجي چڪي آهي. اسان وٽ 1100 ايمبولينسون هجڻ گهرجن ۽ انهن کي عالمي معيار مطابق هلائڻ جو باقاعده بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن پوري آبادي کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. برگيڊيئر(ر) طارق لکيار چيو ته سنڌ حڪومت ايمبولينس جي تعداد ۽ گنجائش وڌائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. تنهن هوندي به، خدمت جي بهتر معيار لاءِ سنڌ حڪومت سان گڏ هن ڪوشش ۾ انسان دوست ۽ ڪارپوريٽ ادارن کي حصو وٺڻ گهرجي. هن چيو ته عالمي معيار موجب نمبر مڪملٽيڻ کانپوءِ بهترين جوابي وقت 7 کان 10 منٽ هوندو آهي اسان جو وقت گهٽائڻ هجڻ جي باوجود هن وقت 18 کان 26 منٽن جو آهي جيڪو اڳتي وڌندو جيئن ايمبولينس جو تعداد وڌندو ته گهٽ ٿي ويندو. هن چيو ته تازو هزاره ايڪسپريس حادثي ۾ اسان جي اداري جي شاندار ردعمل کي سمورن حلقن طرفان ساراهيو ويو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي ضلعن ۾ 776 ايمبولينسز مان اڪثر سروس لائق آهن جن کي اپ گريڊ ڪري معمولي مرمت ذريعي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو هن نشاندهي ڪئي ته ڊاڪٽرن پاران مريضن کي علاج کان اڳ وڏين اسپتالن ڏانهن ريفر ڪرڻ جو رجحان ڏسڻ ۾ آيو هو اهو رجحان اسان جي خدمتن جي شروعات کان پوءِ وڌيو جيڪو ڪجهه حد تائين ڪنٽرول ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ايمبولينس جي غير ضروري استعمال کي ختم ڪرڻ لاءِ، حڪومت ۽ سينيئر ڊاڪٽرن جي بهتر سوچ ۽ سهڪار جي ضرورت آهي. ايمبولينس جي غير ضروري استعمال کي گهٽائڻ سان، تمام ضروري مريضن تي ڌيان ڏئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ تعلقي ۽ ضلعي اسپتالن جا ايمرجنسي سينٽر ۽ وارڊ انتهائي اهم آهن ۽ ريسڪيو 1122 جي ٽيم هڪ مربوط پلان تحت انهن جي مدد ڪري سگهي ٿي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ريسڪيو 1122

بقايا 01

۾ وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو آهي. صدر عارف علوي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي ايڊوائس تي فواد حسن فواد جي مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب فواد حسن فواد کي جلد ئي وزارت جو قلمدان ڏنو ويندو. ان حوالي سان فواد حسن فواد چيو ته مون کي اڃان تائين ڪنهن به کاتي جي چارج نه ڏني وئي آهي. مان سڀاڻي وزيراعظم سان ملاقات ڪندس. مون کي جيڪا به ذميواري ملندي اها ايمانداري ۽ محنت سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هن چيو ته منهنجو ماضي گواهه آهي ته مون هميشه ايمانداري ۽ محنت سان قومي مفاد لاءِ ڪم ڪيو آهي. آئنده به ائين ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ پنهنجي ڀرپور صلاحيتن موجب ڪارڪردگي ڏيکاريندس. ياد رهي ته نيب فواد حسن فواد کي آمدني کان وڌيڪ اثاثن جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو هو جنهن ۾ نيب ڪرپشن ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو هو جنهن ڪان پوءِ عدالت ڪيس نيب ريفرنس مان بري ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 02

آءِ ٽي جي ذريعن موجب تحريڪ انصاف چيئرمين جي خلاف شڪ ڪيس 23/96 جو چالان ٻن هزارن صفحن تي ٻڌل آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي خلاف سوشل ميڊيا بابت چار سئو کان وڌيڪ شاهديون مليون آهن. گرفتار جوابدارن جي بيانن ۽ نشاندهي تي پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڏوهاري قرار ڏنو ويو، جي آءِ ٽي اختيارين موجب جناح هائوس حملي ۾ سڌو سنئون ملوث 80 جوابدارن جي بيانن ۾ سازش ظاهر ٿي آهي. 9 مئي جي واقعن تي جاچ دوران سازش جون شاهديون به مليون. پي ٽي آءِ چيئرمين جا بيان ان وقت جي حالتن کان تڪراري نظر آيا. جي آءِ ٽي موجب ٻين 9 ڪيسن ۾ پڪين شاهدين جي روشني ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ڏوهاري قرار ٿيو آهي. 14 ڪيسن جو چالان جلد عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو.

بقايا 03

تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو لنڊن ۾ نواز شريف جي صدارت هيٺ مسلم ليگ ن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ شهباز شريف، سليمان شهباز، حسن نواز، خواجه آصف ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ نواز شريف جي وطن واپسي ۽ چونڊن جي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو. جڏهن ته چونڊن بابت پيپلز پارٽي جي موقف تي به غور ڪيو ويو شهباز شريف چيو ته نواز شريف 21 آڪٽوبر تي پاڪستان موٽي رهيو آهي. ڏيهه واپسي تي سندس شاندار آجيان ڪئي ويندي. ان کان اڳ ن ليگ اڳواڻ اهو چئي چڪا آهن ته نواز شريف ڏيهه واپسي ڪانپوءِ ڪيسن جي حوالي سان قانون کي منهن ڏيندو ۽ چونڊ مهم جي به قيادت ڪندو

بقايا 04

ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو آهي ته اها سندس خواهش ۽ سنڌ حڪومت جي پاليسي آهي ته ريسڪيو 1122 ايمبولينس سروس عالمي سطح جي سروس بڻجي اڀري ۽ سنڌ جون سموريون سرڪاري ايمبولينسون هن خدمت جو حصو بڻجن. هن چيو ته تمام جلد سرڪاري اسپتالن مان 768 ايمبولينسون واپس وٺي ريسڪيو 1122 حوالي ڪيون وينديون. اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS) جي سي اي او برگيڊيئر طارق قادر لکيار سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ۽ SIEHS بابت تفصيلي بريفنگ جي موقعي تي ڪيس نگران صحت واري وزير تجويز ڏني ته مريضن کي ايمبولينس سروس جي ڊس ۾ باقائده بل ڏنو وڃي. جنهن تي خدمتن جي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو زرداري جي ڀريون پيرو شڪارپور جي مهرڻ وٽ آمد

بلاول ڀٽو زرداري تازو ئي پ پ ۾ شموليت ڪندڙ اڳوڻي ايم اين اي غوث بخش مهر سان نانيءَ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

شڪارپور جي صحافين سان اها زيادتي جو مان انهن سان نه ٿو ڳالهايان پر ٽائيم جي مجبوري آهي : بلاول ڀٽو زرداري

سنڌ جا اڳوڻا وزيراعلي سيد مراد علي شاه، سيد قائم علي شاه، اڳوڻا صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو زرداري جي ڀريون پيرو شڪارپور جي مهرڻ وٽ آمد. تازو ئي پ پ ۾ شموليت ڪندڙ اڳوڻي ايم اين اي غوث بخش مهر سان نانيءَ جي لاڏاڻي تي تعزيت، اڳوڻو وزيراعلي مراد علي شاه، سيد قائم علي شاه، اسپيڪر آغا سراج دراني سميت پ پ اڳواڻ به موجود هئا. بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. شڪارپور جي صحافين سان اها زيادتي جو مان انهن سان نه ٿو ڳالهايان پر ٽائيم جي مجبوري آهي. بلاول ڀٽو زرداري خبرموجب: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سندس ڀيڻ آصفه ڀٽو زرداري ڪالهه وزيرآباد مهر هائوس پهتا. 31 سالن ڪانپو، ڀريون پيرو بلاول ڀٽو زرداري جي اڳواڻي ۾ ڀريون پيرو پ پ قيادت شڪارپور جي مهرڻ وٽ پهتي. جنهن دوران تازو ئي پ پ ۾ شموليت ڪندڙ وزيرآباد جي مهرڻ طرفان سندن ڀرپور آڌرڀاءُ ڪيو ويو. بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو زرداري پاران اڳوڻي ايم اين اي غوث بخش مهر سان نانيءَ ۽ اڳوڻي ضلعي ناظم محمد عارف مهر سان پيٽيرو ڊاڪٽر وسيم احمد مهر جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جا اڳوڻا وزيراعلي سيد مراد علي شاه. سيد قائم علي شاه. اڳوڻا صوبائي وزير شرجيل ميمڻ. مڪيش ڪمار چاولا. پ پ سنڌ جو صوبائي صدر نثار کهڙو. اڳوڻو وفاقي وزير عابد حسين ڀيو، امدا پتافي، سيد خورشيد شاه. سيد ناصر شاه. عاجز ڌامراه. شڪارپور ضلعي چيئرمين ذوالفقار علي ڪماريو. مقبول احمد شيخ سميت ٻيا سندس سان گڏ هئا. مانجهاندي جي تقريب ۾ شڪارپور، لکي، خانپور ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن جي مختلف برادرين جي چڱن مڙسن ۽ پ پ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. هوڏانهن بلاول ڀٽو زرداري پاران ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. شڪارپور جي صحافين پاران زور ڀرڻ تي هن کلي ڪري چيو ته اها شڪارپور جي صحافين سان زيادتي آهي جو مان هنن سان نه ٿو ڳالهايان پر ٽائيم جي مجبوري آهي.

دادو ۾ مسافر ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج جاري

سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 232 هين ڏينهن به احتجاج ڪيو ويو

معاملي جو نوٽيس وٺي ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي : مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ رحماني نگر(سپتارو) ريلوي اسٽيشن تي [illegible] ML2روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي آباد ڪروڙين [illegible]

خانپور ۾ سنڌ صحافي سنگت جي سڏ تي احتجاج، نعريبازي

شهيد جان محمد مهر مظلومن جو آواز هو، صحافي قلم ذريعي حق ۽ سچ لکندو آهي : مظاهرين

ملوث جوابدار جلد از جلد گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اسان تحريڪ شروع ڪنداسين

[illegible]

سکر ۾ پيار جي پرڻي ڪندڙ جوڙي لاءِ ڌرتي تنگ ٿي وئي، تحفظ جي گهر

[illegible]

دادو جي عدالت جوابدار مهتاب پٽ الطاف چانڊيو کي عمر قيد ۽ 2 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي

[illegible]

سيوهڻ جي ڳوٺ بلاول پور جي رهواسي محمد وسيم ڪوري پنهنجي امڙ مسمات فاطمه ڪوري سان گڏ احتجاج

[illegible]

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677 | ايڊيٽر اعجاز مهر | روزاني سنڌيار ڪراچي | Daily SINDHYAR Karachi | NTN 4129440-8 | www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com

بقايا 30 سنڌيار

۽ گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيومن رائيٽس سکر سجاد علي، ليگل ايڊ سميت ٻين سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير جان محمد مهر ۽ فاطمه فرڙو جي مفرور ملزمن کي گرفتار نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته مفرور ملزمن جي جلد گرفتاري عمل ۾ آڻي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. هن ايس ايس پي خيرپور تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ايس ايس پي ٻن هفتن ڪان فاطمه فرڙو قتل ڪيس ۾ نامزد مفرور ملزمن حنا شاه ۽ فياض شاه کي هن وقت تائين گرفتار ناهي ڪري سگهي ۽ ملزم جي موبائيل هوندي ڊيٽا حاصل نه ڪري سگهي آهي، ان سلسلي ۾ ايندڙ هفتي هڪ ٻيو اجلاس پڻ گهرايو ويندو. هن چيو ته فاطمه فرڙو ڪيس ۾ صحت کاتي جي ڪارڪردگي پڻ تسلي بخش نه آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته هن وقت ڪچي آندر پاڻي بيٺل آهي اتان جي ڌاڙيلن خلاف پڻ جلد حڪمت عملي جوڙي ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويندو.

بقايا 31 سنڌيار

شير سومرو ،وسيم مغل ،سجاد آرائين خالد گهانگهرو سرفراز نوناري سريجند اڏلاڻي ظفر گهانگهرو ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. صحافي هميشه مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهن. هڪ سازش تحت سنڌ جي صحافين کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو ان جي باوجود به حق سچ لکندڙ صحافي هميشه مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهن، هنن وڌيڪ چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل سهولڪار به بينقاب ڪيا وڃن، هي هڪ جان محمد جو قتل نه صحافت جو قتل آهي. سنڌ جا صحافي هڪ سگهارو آواز بڻجي جان محمد مهر قتل ڪيس وڙهي رهيا آهن. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهيد صحافي جان محمد مهر قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ وزير اعلي سنڌ ڪراچي ۾ ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 32 سنڌيار

حسين ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز عبدالخالق بلوچ پڻ موجود هئا، بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ، دل جي وارڊ ۽ ٻين شعبن جو معائنو ڪيو ۽ اسپتال ۾ سهولتن جو جائزو ورتو ۽ اسپتال ۾ صفائي سٿرائي جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جا حڪم ڏنا. بعد ۾ ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتو ٽائون آفيسر ۽ ميونسپل ڪميٽي جي عملي سان گڏ جي شهر جو دورو ڪيو. هن سنڌ ڪالوني جي ڊرينيج ڊسپوزل، سرحل مائنر ڊسپوزل ۽ اسٽيشن روڊ ڊسپوزل ۽ مين روڊ نوشهروفيروز جو معائنو ڪيو هن مين روڊ تي گٽرن جي گندي پاڻي جي موجودگي جو نوٽيس وٺندي ميونسپل ڪميٽي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته شهر مان گندو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي ۽ نيشنل بينڪ جي سامهون ميزان بينڪ ۽ الله والا چوڪ وٽان گندي پاڻي جي نيڪاسي جو پڻ حڪم ڏنو

بقايا 33 سنڌيار

چانڊيو سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي،اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اندر صحافين کي سچ لکڻ جي سزا ڏني پئي وڃي اقتداري ڌرين اهو نٿيون چاهين ٿيون ته سندن بدعنوانين ۽ ڏاڍ خلاف ڪوئي به آواز نه اٿاري جنهن جي ڪري هو سچ لکندڙ صحافين کي قتل ڪرايو پيو وڃي، هنن وڌيڪ چيو ته نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته نگران صوبائي گهرو وزير طرفان ڪراچي پريس ڪلب اڳيان سموري سنڌ جي صحافين جي احتجاج دوران ٻن هفتن جي مهلت وٺندي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري گرفتاري جو يقين ڏياريو ويو هو پر ان تي به ڪو عمل ناهي ٿيو هاڻي دلاسن تي نه پر شهيد جان محمد جي قاتلن کي ڪيفر ڪردار تي پهچائڻ تائين جدوجهد جاري رکي ويندي هنن موجود نگران حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته جان محمد مهرجي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو ۽ وزير اعلي ۽ گورنر هائوس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 34 سنڌيار

جانوري اسان جي گهر مسلسل ايندي رهي منهنجي ماءُ کي چوندي هئي ته اسان غريب مسڪين آهيون روزگار ڏيو منهنجي ماءُ هن تي رحم کائي ڪراچي ڊفينس ۾ رهندڙ پيڻ جي بنگلي تي ست هزار روپيہ مهيني تي پورهيو ڪرڻ لاءِ چيو جنهن تي هي راضي ٿي وئي، جنهن کان پوءِ چوڪري کي منهنجي ماءُ سان گڏ ڪراچي وٺي ويا سين ٻه ڏينهن گذرڻ بعد چوڪري گهر وارن کي چيو ته مان هتي ڪم ڪرڻ نه پر گهمڻ آئي آهيان. مان پنهنجي ماٽن بيزار آهيان. اسان چوڪري کي ماٽن جي حوالي ڪرڻ چاهيو ٿي پر هو صبح سوير گهران نڪري وئي جنهن جا سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ موجود آهن. جنهن ۾ هو پنهنجي مرضي مطابق وڃي رهي آهي، اهڙو اطلاع اسان چوڪري جي ماءُ ۽ پيءُ کي پڻ ڏنو ۽ چوڪري جي گم ٿيڻ جو ڪيس پڻ ڪراچي ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي ۽ اسان جي ڳولا اڃا به جاري آهي. هن چيو ته نياڻي جا ماٽ اسان تي قتل جو بي بنياد الزام لڳائي رهيا آهن. ڪافي ڏينهن کان سوشل ميڊيا تي اسان جي گهر جي ڪردار ڪشي ڪئي وڃي پئي، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کي مطالبو ڪندي چيو ته اسان تي ۽ چوڪري جي ماٽن تي صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي،

بقايا 35 سنڌيار

ڏني، وڪيلن ۽ واپارين پاران ايس ايس پي سان تعاون ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي، منشيات ۽ سماجي برائين خلاف وڪيلن ۽ تاجران ساٿ ڏين ايس ايس پي، خبرموجب ايس ايس پي سيد سلي شاه پاران ٽنڊو محمد خان وڪيل برادري ۽ تاجران واپاري برادري سان الڳ الڳ ملاقات ڪئي ان موقعي تي تاجران برادري جي وفد جنهن ۾ حاجي محمد اسماعيل ميمڻ حاجي شبير احمد ميمڻ عبدالله پنهور عبدالڪريم شيخ حاجي محمد سليم گدي پٺاڻ مير سليم احمد اڪبر علي خواجا حاجي عثمان شيخ آغا محمد يوسف عظيم پٽي محمد صديق چيپا حاجي محمد اقبال قاسم اسماعيل ڪٽي قمر جاويد صديقي تنوير خان اعظم پٽي فريد ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا جڏهن ته وڪيل برادري جي وفد ۾ ٽنڊو محمد خان بار جي صدر ايڊوڪيٽ علي محمد ميڻ لائبريري سيڪيٽري انصار شر سميت بار جي ميمبرن نذير قريشي ايڊوڪيٽ مظفر بروهي ڪامران سنيو غلام مصطفٰ رند عبداللطيف سومرو سيد مير محمد شاه محمد قاسم سمون گبر سنگ ليڊيز وڪيلن ثمرين خاصخيلي ۽ ناديه ميمڻ شامل هئا جڏهن ته ملاقات دوران واپارين وڪيلن جي وفد ايس ايس پي سيد سليم شاه کي ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي طور تعينات ٿيڻ تي مبارڪباد پڻ ڏني ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي ٽنڊو محمد خان پوليس سان تعاون ڪرڻ جي يقين ڏياڻي

بقايا 36 سنڌيار

ڪرائي ايس ايس پي سيد سليم شاه پارين تاجرن واپارين سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرائڻ جي يقين ڏياڻي پڻ ڪرائي ايس ايس پي پاران تاجرن جي وفد جي موقعي تي سندن شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پوليس کي هر وقت اوهان جي تعاون جي ضرورت آهي جڏهن ته وڪيل برادري پاران ضلعي اندر پوليس پاران منشيات خلاف ڪاروائين کي ساراهيو ۽ [illegible]

بقايا 37 سنڌيار

[illegible]

[illegible] ويٺل آهيون جن جا جيڪي به جائيز مسئلا هوندا فورن حل ڪيا ويندا ان موقعي تي يونين ڪلارڪ غلام اڪبر نظاماڻي، يونين ڪلارڪ عبدالروف نظاماڻي، فقير عبدالروف نظاماڻي، محمد سليم نظاماڻي يونين جو سمورو عملو ۽ تڪ جي وارڊن جا ڪائونسلر پڻ موجود هئا

بقايا 01 سنڌيار

مان ڪڍي آرايڇ سي منتقل ڪيو جهڏو پوليس موجب هٿ آيل لاش 50 سالا شخص جو آهي انڪل چار ڏينهن پراڻو آهي جنهن جي شناخت نه ٿي سگهي آهي ڳوٺاڻن موجب ته هي مستانو پٺاڻ آهي جيڪو ذهني توازن درست نه هجڻ سبب هتي رلندو رهندو هو، هوڏانهن لاش جو ڪو به وارث اجان تائين ظاهر نه ٿيو آهي لاش جهڏو سرڪاري اسپتال ۾ پيل آهي.

بقايا 02 سنڌيار

نظام الدين ڏاهري ، يونٽ صدر صدام حسين ڏاهري،يونٽ جنرل سيڪريٽري وحيدالله ڏاهري، نشات تنظيم ريجن سانگهڙ جا نائب صدر استاد سائينڏنو ڏاهري، اسڪول ٽيچر عمران علي زرداري ، ٻين ميمبرن ۽ ڳوٺاڻن جو سهڪار سان اسڪول جي ٻارن سان گڏجي ڳوٺ مان ويندي مين روڊ پيپڙهي چوڪ تائين علم پرايو سنڌ سنواريو ۽ علم روشني علم خوشحالي جي نعرن سان ريلي ڪڍي وئي، ان بعد ٻارن ۾ بڪس ۽ پينون پڻ ورهايون ويون. يونٽ صدر صدام حسين ڏاهري، ضلع فنانس سيڪريٽري فريدالله ڏاهري ،اسڪول ٽيچر عمران علي زرداري ۽ استاد سائينڏنو ڏاهري جن شاگردن کي ليڪچر ڏيندي چيو ته علم حاصل ڪرڻ مرد توڙي عورت لاءِ لازمي آهي ، علم جي ڪري ئي اڄ انسان چنڊ تي پهتو آهي علم سان انسان مڪمل انسان بڻيو آهي، انهن وڌيڪ چيو ته اسان جي تنظيم هميشہ شاگردن جي فلاح ڪندي رهي آهي ۽ شاگردن جي تعليم ۾ هر طرح سان مدد ڪندي آئي آهي ۽ اڳتي به شاگردن جي حوصلا افزائي ڪندي ايندي.

بقايا 03 سنڌيار

شهرين شنڪر لعل، وشن ۽ ورن مل کي ايف آئي آر جي ٽيئر گرفتار ڪري ڪٽي وٺي آهي، گرفتار جوابدارن خلاف شيون ڪمار ايف آئي آر ۾ درخواست ڏني هئي ته منهنجي پٽ کي بليڪ ميل ڪندا رهيا آهن.

بقايا 04 سنڌيار

لڳا توکي مينٽل چائينداسين جئين توکي پئسا ملي سگهن جڏهن ته منهنجي پي جي پينشن ملي آهي هاڻي هي مونکي چريو جاڻائي منهنجي پي جي پينشن کائڻ ٿا چاهين، جڏهن ته هن مونکي زبردستي ڪٽي وڃي رهيا هئا نوشهروفيروز جڏهن ته مان ڪوڙي محمد ڪبير چونڪي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر چونڪي انچارج انهن کي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪونهي جڏهن ته مان، آءِ جي سنڌ کي درخواست ڏني آهي ته مونکي هنن مان جان جو خطرو آهي اگر مونکي ڪجهه ب ٿيو ته اسلم ٽيهو ۽ دائود پتوجج زميوار هوندا جڏهن ته هي منهنجو بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي، مان چيف جسٽس آف پاڪستان، ۽ هاءِ ڪورٽ سنڌ ، آءِ جي ،سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي ،نوشهروفيروز، ڊي ايس پي، محرابپور، ايس ايچ او، هالاڻي، کي اپيل ٿو ڪيان ڌاڙا منهنجي جان کي خطرو آهي مونکي تحفظ ڏنو وڃي منهنجي جان هنن کان بچائي وڃي،

بقايا 05 سنڌيار

جو مطالبو تفصيل موجب مانجهند جي گورمنٽ گرلس پرائمري اسڪول گرواري ايٽ مانجهند جي اسڪول لاءِ پلاٽ جو عطيو ڏيندڙ نوجوان ريڊنو خاصخيلي سندس ڀاءُ لعل ڏنو کي نوڪري نه ملڻ خلاف خاصخيلي برادري جي سوين ماڻهن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي ٽي اي او پرائمري في ميل مانجهند آفيس جي مين گيٽ آڏو ٽنهڻ اس ۾ ٻ ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ٽائون ڪميٽي مانجهند جي وائيس چيئرمين منور علي خاصخيلي نظر محمد خاصخيلي ارباب خاصخيلي سائين ڏنو خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 17 سال اڳ گرلس پرائمري اسڪول جو پلاٽ في سبيل الله طور ڏنو هئو سين جنهن ۾ ان وقت جي ڪامورن دستاويز تي لکت ڪندي ڪين 2 نوڪريون لکت ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر سترنهن سال گذرڻ باوجود ڪجو آرڊر به نه ملي سگهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته گرلس اسڪول جي صفائي سٿرائي چوڪيداري جي ذميواري نڀايون پيان ڪين ڪجو آرڊر به نٿو ڏنو وڃي جنهن لاءِ هر آفيسر ۽ سياسي اسر رسوخ رکندڙ ماڻهن کي به داهون ڏني آهي پر ڪو به تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ساٿن انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو هوڏانهن ٽي اي او پرائمري في ميل ديوٽي تي موجود نه هجڻ سبب عملي کي لکت ۾ درخواست ڏني وئي

بقايا 06 سنڌيار

ڪوڪن ايڊووڪيٽ منيراحمد بروهي، نظير ٽنيو ،بشارت سهتو، ڏٽي بخش مگنڌيجو ، ارشاد سومرو، شاهد چامڙو، آصف چامڙو، سماجي اڳواڻ ساجد مگريو ،عبدالغفار چامڙو سنڌ پريس ڪلب راڻيپور جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني تي ۽ سيڪيورٽي ادارن جي خاموشي تي اسان ڳڻتي جو اظهار ڪيون ٿا چوته پرياڪماري جيڪا پنهنجي گهر اڳيا اغوا ٿي وئي آهي ان کي واپس ڪرائڻ ۾ سنڌ جي پوليس بي وس بڻيل آهي آخر اهڙي حالات جو ڪنهن کي زميوار قرار ڏجي ؟ جو ماڻهون پنهنجي شهرن ۽ گهرن ۾ به محفوظ ناهن رهيا هر پاسي خوف جي ويا پکڙيل آهي اسان مطالبو ٿا ڪيون ته معصوم پريا ڪماري کي جلد آزاد ڪرائي سندس والدين حوالي ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

بقايا 07 سنڌيار

جان محمد مهر قلم جي حرمت رکي جام شهادت پيتي شهادتون اسان کي پنهنجي مقصد تان هٽائي نٿيون سگهن هنن چيو ته نگران وزير داخلا سنڌ کان جيڪڏهن قاتل ڌاڙا آهن ته ان جو هو ڪليل اعلان ڪري باقي اسان پنهنجي قلم ڏٽي جو خون رائيگان ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ ڀرپور تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 08 سنڌيار

ڪئي وئي آهي صحافين جو چوڻ آهي ته اسان محب وطن صحافي آهيون اسانجو ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪو به تعلق ڪونهي ۽ نه ئي اسان ڪنهن ڪرمنل ڪم ۾ آهيون ان جي شاهدي سڄو شهر ڏيندو هنن جو چوڻ هو ته اسان منشيات جي هميشہ لکندا رهيا آهيون ۽ پوليس کي اها ڳالهه پسند ڪانهي جنهنجي ڪري اسان کي انتقامي ڪارروائي ڪري ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي جيڪا قانونن سراسر غلط آهي اسان ڪورٽ ۾ چيلينج ڪنداسين ۽ قانوني طريقي سان ڪوڙي ايف آئي آر خلاف جنگ ڪنداسين. ان کان سواءِ سوشل ميڊيا تي ضلعي ٺٽي جي صحافين وڏي پشماني تي صحافين تي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرڻ جو سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته پوليس هميشه حق سچ لکڻ وارن صحافين کي هيسائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي صحافي دوست پنهنجي پريس ڪلب جا ذميوار عهديدار آهن ۽ ڪنهن به قسم جي غلط ڳالهه ۽ سياسي اثر ۾ ناهن هنن مطالبو ڪيو ته صحافين تي ڪوڙي ايف آئي آر ختم ڪري مڪمل انڪوائري ڪئي وڃي ته جيئن اڳتي ڪنهن به صحافي سان نا انصافي نه ٿئي. جلد ايف آئي آر ختم نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 09 سنڌيار

خان جي علائقي سعيد پور مان هزارين روپيا خرچ ڪري سرٽيفڪٽ لاءِ دربدر بڻيل هئا عوام جي سهولت لاءِ چيئرمن مختيار احمد نظاماڻي وائيس چيئرمن ڪليم الله نظاماڻي

بقايا 10 سنڌيار

خان جي مختلف ٿاڻن جي ايس ايچ اوز جون ڪاروايون جاري، ٽنڊو محمد خان پوليس ۽ ٽنڊو غلام حيدر پوليس منشيات فروشن خلاف سرگرميون تيز پنهي ٿاڻن جي پوليس ڪاروائي ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو، گرفتار جوابدار مان وڏي مقدار ۾ ولائتي شراب ڪچو شراب ٺرو ۽ مين پڙي گٽڪو برآمد ڪرڻ جي دعوي، خبر موجب ايس ايس پي سيد سليم شاه جي هدايت تي ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو غلام حيدر پوليز منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري مختلف هنڌن تي ڪاروايون ڪندي ٽن منشيات فروش دليپ ڪمار نور علي چانڊيو چيتن ڪولهي کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 40 بوتلون ولائتي شراب 570 عدد سفينا گٽڪا 24 ليٽر عدد ديسي شراب برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي جڏهن ته گرفتار جوابدارن تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڪين لاڪپ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي سيد سليم شاه جي ايس ايس پي طور چارج وٺڻ ڪانپوءِ ضلعي اندر منشيات ۽ سماجي برائين خلاف ڪاروائيون تيز ڪرڻ جي هدايت کان پوءِ سموري ضلعي جي ٿاڻن ۽ پوليس پڪٽن جي پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن جي منشيات فروشن خلاف ڀورڙ شروع ٿي چڪي آهي ۽ منشيات فروشن پارين پنهنجي روايتي طريقو استعمال ڪندي رفوچڪر ٿي چڪا آهن

بقايا 11 سنڌيار

ڪمشنر ميرپور ماٿيلو محمد احمر مختلف دوڪان تي چاپا هڻي من پسند اگهه وصول ڪندڙ 4 دوڪاندارن مٿان 20 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو جڏهن ته هڪ دوڪان کي سيل ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي ردا زهرا ٽالپر ڏهرڪي جي ڏورانهين علائقن جي پيٽرول پمپن تي چاپا هڻي پيٽرول جي مقدار ۾ کوٽ ڪندڙ پمپن مٿان 42 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 12 سنڌيار

پي رسول بخش مستوئي سان گڏ پريس ڪلب ناروشاهه پهچي ميڊيا آڏو داهيندي ٻڌايو ته 10 سال اڳ مهنجي شادي مورو جو رهواسي نالي برڪت علي جتوئي سان ٿي جيڪو شادي ڪانپوءِ اسان سان گڏ رهڻ لڳو جنهن مان مون ٻن چوڪرين جو اولاد به آهي هو ڪمائيدو ڪندو ڪون هو ڪمائڻ جو چوڻ مهنجي پيءُ ۽ مون کي مار ڪٽ ڪري تشدد جو نشانو بڻائيدو هو جنهن تي مون سندس ظلمن خلاف تنگ اچي هڪ مهينو اڳ مورو سول ڪورٽ جي عدالت ۾ طلاق ورتي آهي طلاق کان پوءِ به هو اسان جي پچر نٿو ڇڏي جڏهن ته هو مونکي ۽ مهنجي پي کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس نوشهرو مطالبو ڪندي چيو ته هن ظالم شخص مان مونکي مهنجي پيءُ ۽ ٻارن کي جان جو خطرو تحفظ ڏئي حياتيون بچايون وڃن

بقايا 13 سنڌيار

اندر قائم نجي تعليمي اداري ايجو ڪيريئر سنڌ انسٽيٽوٽ سکر ۾ 358 ميڊيڪل جي مختلف شعبن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻن کي تعليمي اداري ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ ۽ ڪلاسن ۾ داخلا بند ڪرڻ واري عمل خلاف ايڊوڪيٽ عرفان علي سومرو معرفت داخل ڪرايل پٽيشن جي ٻڌڻي تي ٻڌڻي دوران الشفاآئي ٽرسٽ جي نمائندن سميت پٽيشنر اسٽوڊنٽس وڪيل سان گڏ پيش ٿيا عدالت وڪيل جي استدعا بعد الشفاسکر انتظاميا کي شاگردن ۽ شاگردن کي تعليم جاري رکڻ ۾ مداخلت ڪرڻکان روڪي ڇڏيو ۽ اسٽوڊنس کي تعليم جاري رکڻ جي هدايت ڏيندي ايندڙ ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي عدالتي احاطي ٻاهران پٽيشنرز جي وڪيل عرفان علي سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته نجي اداري ۾ تعليم حاصل ڪندڙ اسٽوڊنٽس جا 20 سيپٽمبر تي امتحان ٿيڻا آهن ۽ الشفا آئي ٽرسٽ انتظاميا سکر طرفان زير تعليم ميڊيڪل اسٽوڊنٽس انٽري بند ڪري ڇڏي هئي ۽ سمورين سهولتون به ختم ڪيون آهن جنهن سبب شاگردن ۽ شاگردياڻن جي تعليم متاثر ٿي رهي هئي اڄاري ڏينهن سنڌ هائي ڪورٽ بينچ سکر ۾ ٻڌڻي تي عدالت الشفا آئي ٽرسٽ انتظاميا سکر کي هر مداخلت کان روڪي ڇڏيو ۽ اسٽوڊنٽس کي تعليم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي آهي ڪيس جي ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪندي سمورين ڌرين کي طلب ڪيو آهي، وڪيل عرفان علي جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايجوڪيئر ڪيريئر سنڌ انسٽيٽيوٽ ۽ الشفاآئي ٽرسٽ ۾ 2031 تائين جو تعليمي معاهدو ٿيل آهي.

بقايا 14 سنڌيار

احتجاج جي اڳواڻي صحافي عظيم سيال، سائل قاضي ،ميهر مهر ،اقتاب سيال ،عبدالحميد سيال، قاضي خادم ،نواب ميراڻي ،دودو مهر،حافظ نصر گبول ۽ ٻين ڪئي، احتجاج ۾ شريڪ صحافين پاران شهيد صحافي جان محمد جا قاتل گرفتار ڪيو جا نعرا هنيا ويا،اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ صحافي غير محفوظ بڻجي ويا آهن هر روز حق سچ لکڻ تي قلم ڏڻين کي گولين جو ڪاچ بڻايو پيو وڃي، هنن چيو ته سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر جي قتل کي مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود قاتل گرفتار نه ٿيا آهن،پوليس شهيد جان محمد مهر قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي،شهيد جان محمد مهر هڪ قلم جو پورهيت هو هن بيگناهه شهيد ڪيو ويو ۽ افسوس جو هن مهل تائين قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جيڪا حڪومت جي نااهلي آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن ڪري سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ شهيد جي قاتلن جي گرفتاري تائين تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا 15 سنڌيار

جي ريورٽ مڪلي ٿاڻي تي ريورٽ ڪرائڻ باوجود پوليس ڪابہ ڪاروائي عمل ۾ آڻي

ناهي سگهي. ٺٽي جي واپارين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن چوري ٿيل گاڏي، سامان سميت سوني چين واپس ڪرائي چورن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 16 سنڌيار

وڻي ان موقعي تي صحافين ڳالهائيندي چيو ته شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ حڪومت سنجيده ناهي نگران حڪومت جي گهرو وزير ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي احتجاج ۾ قاتل گرفتار ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ وقت گهريو هو پر وقت ختم ٿيڻ باوجود قاتل اڃا تائين گرفتار ناهن ٿي سگهيا جيڪا موجوده نگران حڪومت جي بدنيتي آهي، هنن چيو ته قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري رکيو ويندو هنن گهر ڪئي ته جلد شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ڪري وارثن توڙي صحافين سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 17 سنڌيار

ڏني، وڪيلن ۽ واپارين پاران ايس ايس پي سان تعاون ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي، منشيات ۽ سماجي برائين خلاف وڪيلن ۽ تاجران ساٿ ڏين ايس ايس پي، خبرموجب ايس ايس پي سيد سلي شاه پاران ٽنڊو محمد خان وڪيل برادري ۽ تاجران واپاري برادري سان الڳ الڳ ملاقات ڪئي ان موقعي تي تاجران برادري جي وفد جنهن ۾ حاجي محمد اسماعيل ميمڻ حاجي شبير احمد ميمڻ عبدالله پنهور عبدالڪريم شيخ حاجي محمد سليم گدي پٺاڻ مير سليم احمد اڪبر علي خواجا حاجي عثمان شيخ آغا محمد يوسف عظيم پٽي محمد صديق چيپا حاجي محمد اقبال قاسم اسماعيل ڪٽي قمر جاويد صديقي تنوير خان اعظم پٽي فريد ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا جڏهن ته وڪيل برادري جي وفد ۾ ٽنڊو محمد خان بار جي صدر ايڊوڪيٽ علي محمد ميڻ لائبريري سيڪيٽري انصار شر سميت بار جي ميمبرن نذير قريشي ايڊوڪيٽ مظفر بروهي ڪامران سنيو غلام مصطفٰ رند عبداللطيف سومرو سيد مير محمد شاه محمد قاسم سمون گبر سنگ ليڊيز وڪيلن ثمرين خاصخيلي ۽ ناديه ميمڻ شامل هئا جڏهن ته ملاقات دوران واپارين وڪيلن جي وفد ايس ايس پي سيد سليم شاه کي ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي طور تعينات ٿيڻ تي مبارڪباد پڻ ڏني ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي ٽنڊو محمد خان پوليس سان تعاون ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي ايس ايس پي سيد سليم شاه پارين تاجرن واپارين سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرائڻ جي يقين ڏياڻي پڻ ڪرائي ايس ايس پي پاران تاجرن جي وفد جي موقعي تي سندن شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پوليس کي هر وقت اوهان جي تعاون جي ضرورت آهي جڏهن ته وڪيل برادري پاران ضلعي اندر پوليس پاران منشيات خلاف ڪاروائين کي ساراهيو ۽ پوليس سان مڪمل تعاون ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو ايس ايس پي سليم شاه پاران وڪيل برادري جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرائڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي جنهن بعد وڪيل برادري پاران ايس ايس پي سليم شاه جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 18 سنڌيار

ڪري 300 کان وڌيڪ غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا، ان موقعي تي سيپڪو انجنيئر اعجاز ڏيٿو چيو ته نگران حڪومت جي حڪم تي نوشهروفيروز ضلعي ۾ بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي بجلي چوري ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. شهري بجلي چوري کان پاسو ڪن ۽ بجلي جا ميٽر لڳائي بجلي جي لوڊشيڊنگ کان نجات حاصل ڪن. بجلي چورن جي خاتمي تائين اسان جو آپريشن روزاني جي بنياد تي جاري رهندو. ان موقعي تي جام محسن. بديل سولنگي. فاروق ڪلهوڙو ۽ ٻيا سيپڪو اهلڪار موجود هئا.

بقايا 19 سنڌيار

ڪاتي کي هدايتون ڏينديچيو ته ضلعي ۾ گوسڙو ڊاڪٽرن جا ٽالا ڏنا وڃن پنهنجا فرائض ايمانداري سان سرانجام نه ڏيندڙ ڊاڪٽرن کي ضلعي بدر ڪيو ويندو هن سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم دوران ڦڙا نه پياريندڙ والدين (ريفيوزل ڪيسن) جا اصل سبب ڳولهين انهن والدين کي پوليو کان بچاءَ وارن ڦڙن جي افاديت متعلق آگاهي ڏيڻ هن چيو ته پوليو مهم جي ڪاميابي جو دارومدار جامع مائڪرو پلان تي آهي گڏجاڻي ۾ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي ٻڌايو ته 5 سالن تائين جي 4 لک 27 هزار 3 سئو 84 ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا 2 آڪٽوبر کان ڦڙا پياريا ويندا جنهن ۾ 6 مهينن کان پنج سال تائين جي ٻارڙن کي پوليو سان گڏ وٽامن اي جا قطرا پڻ پياريا ويندا هن چيو ته ٽوٽل 1391 پوليو ٽيمون آهن جنهن ۾ 1218 موبائيل ٽيمون، 103 فڪس ٽيمون ۽ 73 ٽرانسٽ پوائنٽ ٽيمون شامل آهن. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون نجيب الرحمان جمالي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد ڪلوڙ ڪانسواءِ ضلع جي مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته ڊي سي بدين اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس شهيد فاضل راهو جو پڻ دورو ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته روينيو ڪاتي ۾ ايندڙ ماڻهن جا جائز ڪم ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن

بقايا 20 سنڌيار

سولنگي، علي گل چنه، سخي سردار چارڻ، ولي محمد لنڊ، راجا ڪوريجو ۽ راجا رفيق پنهور ٻين چيو ته هڪ سازش تحت سنڌ جي قلم ڏڻين کي قتل ڪيو پيو وڃي جيئن هو مظلوم طبقي جو آواز نه بڻجن،شهيد جان محمد مهر کي بي گناهه قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي شهادت کي هڪ مهينو گذري ويو آهي، نگران سنڌ حڪومت ۽ ٻين ادارن شهيد صحافي جي قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي ويا آهن،جيستائين شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيندا احتجاج جاري رهندا، 27 سيپٽمبر تي ڪراچي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 21 سنڌيار

نشين پير چنگل شاه جيلاني هزارين مريدن جي ريلي جي صورت ۾ پنهنجي حويلي مان چادر مهندي سان گڏ اچي درگاه تي چادر چاڙهي پاڻ دعا جي رسم ادا ڪئي ، جنهن ڪانپوءِ ميلي جي رسمن جو آغا شروع ڪيو ويو، درگاه جي اڳڻ ۾ صوفي راڳي فقيرن راڳ جي محفل رچائي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ، جنهن جي بعد ميلي جي موقعي تي درگاه جي اڳڻ ۾ سماع جي دعاجي رسم ۾ سنڌ جي خطيب علامہ محمد عالم جت نعيمي دعا جي موقعي تي عالم انسانيت جي ڀلائي ، سنڌ ۽ پاڪستان مان غربت جي خاتمي ، مفلسي بيروزگاري بدحالي ، تخريبڪاري ، دهشتگردي ، ڌاڙيل ڪلچر جي خاتمي لاءِ اجتماعي دعا گهري ، جنهن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام مٿان مهانگائي جو طوفان جو مڪمل خاتمو اچڻ ، ترقي خوشحالي لاءِ پڻ دعا گهري وئي ۽ چيو ته اسلام دنيا جو اهڙو مهذب مذهب آهي جنهن پوري دنيا جي انسانيت کي حقيقي راهه عمل جي منزل ڏانهن متوجه ڪيو آهي، آخري نبي حضرت محمد مصطفیٰ جي سيرت مبارڪ جي روشني ۾ انسان کي پنهنجي روشن مستقبل جي پاڻ اڏاوت ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي، جهڙو انسان اڪيلي سر دنيا ۾ آيو آهي ته وري اڪيلي سر ڪيس دنيا مان وڃڻو آهي ، دولت ملڪيت ڪيس ڪڏهن به آخرت ۾ ڪم نه ايندو. ڪم ايندو صرف سندس ڪيل سنا عمل ۽ انسانيت جي

خدمت واري جذبي مان ڪيس لاڀ ملي سگهندو. اجتماعي دعا سماع واري رسم ۾ علي رضا شاه . شاه محمد شاه . پير عبدالرشيد جان سرهندي . سيد پلن شاه . بهاوالدين سرهندي . پير نصير محمد . علي حيدر شاه . قمرالزمان شاه . غلام مجدد جان سرهندي . اعجاز علي شيخ. عبدالغني شاه . غلام عباس شاه . جيوڻ شاه ۽ ٻين شرڪت ڪئي . جڏهن ته ميلي جي موقعي تي مولودي فقيرن ۽ نعت خوانن مولود ۽ نعتون پڙهيون پڻ پوري رات صوفياڻي سماع کي جاري رکيو.

بقايا 22 سنڌيار

جاني، رضا آڪاش خاناڻي، خليل ابراهيم، صالح نوحاڻي، ياسين آرائين، ثناء الله ميمڻ، قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر اصغر نوتڪاڻي، جسقم اڳواڻ محفوظ سنڌي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي منور پنهور، ۽ ٻين احتجاج ۾ شريڪ ڪئي . انهي موقعي تي صحافين مطالبو ڪندي چيو ته شهيد صحافي جان محمد جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ،اڳواڻن چيو ته جا صحافي غير محفوظ بڻجي ويا آهن، هر روز حق سچ لکڻ تي قلم ڏڻين کي گولين جو ڪاچ بڻايو پيو وڃي، هنن چيو ته سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر جي قتل کي مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود قاتل گرفتار نه ٿيا آهن. پوليس شهيد جان محمد مهر قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي،شهيد جان محمد مهر هڪ قلم جو پورهيت هو هن بيگناهه شهيد ڪيو ويو ۽ افسوس جو هن مهل تائين قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جيڪا حڪومت جي نااهلي آهي، مظاهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي، ٻئي صورت ۾ شهيد جي قاتلن جي گرفتاري تائين تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا 23 سنڌيار

ميمڻ برادري خوشي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ٺٽي شهر جو رهواسي ادا محمد ميمڻ بهترين طبيعت جو مالڪ آهي. جنهن کي سنڌ ميمڻ اتحاد طرفان اليڪشن ڪميشن جو چيئرمين منعقد ڪرڻ وارو فيصلو بهترين آهي، جنهن تي سنڌ ميمڻ اتحاد جي سيني دوستن مڪمل اعتماد ۽ ڀروسو ڪندي سنڌ ميمڻ اتحاد جي اليڪشن ڪميشن جو چيئرمين چونڊيو آهي، جيڪو انهن جي ڀروسي تي پورو لهندو ياد رهي ته ادا محمد ميمڻ پاران ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جو چيئرمين ٿيڻ بعد ٺٽي شهر کي صاف سٿرو رکي پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري رات ڏينهن عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل آهي، جنهن هن کان اڳ به عوام جي خدمت ڪري ڪوڙ سارا عوامي مسئلا حل ڪيا آهن، جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي.

بقايا 24 سنڌيار

گذرڻ باوجود شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي جنهن سبب سنڌ جي صحافين ۽ ٻين حلقن ۾ گهٽتي جي لهر ڇانيل آهي هن گهر ڪئي ته واقعي ۾ ملوث مڙني جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 25 سنڌيار

هيڊ ڪوارٽر مکلي ۾ موجود آهي جتي سموري ضلعي انتظاميا جون آفيسون موجود هجڻ باوجود ضلعي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال ۾ رت جي ڪا سهولت موجود نه آهي جڏهن ته اسپتال جي سمورن واردن ۾ دوائن جي پڻ شديد کوٽ آهي، ايمرجنسي ۾ به دوائن ۽ انجيڪشنز موجود ناهن مريضن کي ڪا به سهولت نه ڏني پئي وڃي آخر ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ غريب مريض آخر ڪيڏانهن وڃن ڏڙتو هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا انهي مسئلي جو تڙ تڪڙ نوٽيس وٺي ياد رهي ته گذريل حڪومت پاران ڊيڊ ڍاڪي کان سول اسپتال ٺٽو کي پنهنجي پسنديده غير سرڪاري تنظيم مرف جنهن جو ٺٽي جو انچارج پڻ گذريل حڪومت ۾ ويٺل وڏن جو خاص ماڻهو آهي جنهن کي اربين روپين جي بجيٽ ڏياري مرف کي سول اسپتال مٿان مڙهيو ويو پر سنڌي چواڻي مطابق جهڙا روح تهڙا ختما سول اسپتال ٺٽو مرف انتظاميا حوالي ٿيڻ باوجود ماضي کان بدتر صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي جتي سهولتن جي اٿهوند نه پنهنجي جڳهه تي پر جيڪي نالي ماتر سهولتون جنهن ۾ ڪجهه دوائون وغيره شامل آهن اهي ٻيا نه لوڪل آهن يا وري 2 نمبر سول اسپتال ٺٽو مرف حوالي ٿيڻ ڪانپوءِ ضلعي جي عوام پاران ڪوس گهر جو لقب ڏنو ويو آهي جتان سهولتن جي ڪوٽ جي ڪري يا ته مريض کي اڪثر ڪراچي ريفر ڪيو ويندو آهي پر جي ريفر نه به ڪيو ويو ته اڌ گيدو علاج ڪري ڪين سندن گهرن ڏانهن روانو ڪري ڪين سندن قسمت جي حوالي ڪيو ويندو آهي

بقايا 26 سنڌيار

اوطاق تان سولر پليٽ ۽ قتين جا پيل به پورا چوري ڪري ويا فريادين صحافين کي ٻڌايو ته هتن ايس ايچ او بدين محمود پٺاڻ ۽ سٽي انچارج محمد خان ڪلوئي کي فورن اطلاع ڏنو پر هو چورن کي پڪڙي حق رسائي نه ڪرائي سگهيا آهن هتن ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته بدين شهر ۾ چورن جو آزار ختم ڪرائي شهرين کي تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا 27 سنڌيار

جي سڏ تي مختلف سياسي پارٽين جي ڪارڪنن جي وڏي انگ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي السٽ سنگت جي اڳواڻن مظهر ڪوسو قدير ٽونيو فياض مغيري ۽ ٻين جي اڳواڻي ريلي ڪوٽو موڙ چوڪ تي ڌرڻو هڻي ٽرئفڪ معطل ڪرڻ بعد ريلي ڪيڏي پريس ڪلب اڳيان احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊو آدم ۾ هٿياربندن افضل لنڊ کي بي گناهه قتل ڪيو آهي جيڪو قابل مذمت آهي انهن چيو ته افضل لنڊ جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن سنڌ جي قوم پرست ڪارڪنن ۽ نوجوانن ۾ پکڙيل بي چيني ختم ٿئي.

بقايا 28 سنڌيار

اسپيشل ايجوڪيشن ميڊيم زاهده غوث ڪاڪيپوٽو خطاب ڪندي چيو ته معذور ٻارن کي معاشري ۾ خود ڪفيل ڪرڻ لاءِ اسپيشل ايجوڪيشن سنڌ ۾ تعليم سان گڏ هنر سکيا لاءِ به ڪم ڪري رهي آهي، ان لاءِ اڄ شڪارپور ۾ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر جو افتتاح ڪيو آهي، پرنسپال طارق احمد دايو اسسٽنٽ عبدالجبار شيخ، رنجيت ڪمار، شڪيل دايو، راجه اسلم شيخ، عامر شيخ سميت ٽيچر ۽ ٻيو اسٽاف موجود هئا، ان کان اڳ اسڪول ۾ وڻ پوکي شجرڪاري مهم جو افتتاح ڪيو

بقايا 29 سنڌيار

اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي اڳواڻن رياض عرف جيڪال ڪلهوڙو، عابد حسين چانڊيو، نياز حسين چنو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ قانوني رٽ بحال نه هجڻ سبب هر آئين ڏينهن اسان کي نوجوانن جا لاش ملي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي نوجوان افضل لنڊ جا قاتل گرفتار ڪري مٿن قانوني ڪارروائي ڪري سخت سزا ڏني سنڌ ۾ ٿيندڙ قتل غارت بند ڪري قانوني رٽ بحال ڪئي وڃي